# سج چنڊ تارا ڪتيون

## علمي ادبي سياسي ۽ سماجي شخصيتون



**تاجل بيوس**

نئون نياپو

# سج چنڊ تارا ڪتيون

## علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي شخصيتون

تاجل بيوس

نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو نالو : سج چند تارا ڪتيون
(علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي شخصيتون)

ليکڪ : تاجل بيوس

ڇاپو پهريون : مارچ 2004ع

: نئون نياپو اڪيڊمي
آر-96، پائنيئر هومز اسڪيم. نمبر-33،
گلزار هجري ڪراچي، فون: 6378624

مُلهہ: سٺ رپيا

*Sij Chand Tara Katiyoon*
(Sun Moon Stars & The Pleiades)
Doctrinal, Literary, Political and Social Personalities

Written by: **Tajal Bewas**

Edition First: March 2004

Published by: **Naon Niapo Academy**
R-96, Pioneer Homes, Scheme No. 33,
Gulzar Hijri, Karachi. Ph # 6378624

Price: **60/=**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

بشير قريشي ءَ

سوپيو ڳيا نچندا اٺيءَ

جي نالي

_ تاجل بيوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون "سج، چنڊ، تارا، ڪَـتيون" ۾ رات ڏينهن محنت ڪري، اسان جي ڏاهن ۽ ڏات ڌڻين جو احوال گڏ ڪري، ڪتاب جي صورت ۾ ڇپائڻ جو عزم ڪيو آهي. هن ڏس ۾، سنڌ سان گڏ، هند جي به ڪن سخي مردن ۽ اديبن کي شامل ڪيو اٿم ڇاڪاڻ ته سنڌي جتي به آهي، يا رهي ٿو، اُهو سنڌ ڄائو ۽ سنڌ ڄائي آهي. ڪي ماڻڪ مٽيادار ۽ ڏات ڏياڻيون اسان کان وڇڙي، هڪ اهڙي ملڪ جي سفر تي روانا ۽ روانيون ٿي چڪيون آهن، جتان ڪوبه واپس نه وريو آهي.

جيئن ته به دفعا مونکي هندستان جي ادبي دؤرن تي وڃڻ جو موقعو مليو آهي، هڪ 1990ع ۾، سنڌي ٻوليءَ جي قداوَر شاعر شيخ اياز جي سنگت ۾، ۽ ٻيو 2001ع ۾ پنهنجي جيوَن ساٿياڻي منڻ خاتونءَ کي ساڻ ڪري، دهلي، آگري، پُونا، ممبئي، لونا ولا ۽ الهاس نگر پهچڻ، انَ ڪري ڪجهه مواد مونکي ڪتابن مان مليو آهي، ته ڪجهه پُڇڻ، پَسڻ ۽ ذاتي مشاهدي ماڻڻ سان اهڙي معلومات جون پَـرِيون ۽ پاڪر پئي نصيب ٿيا آهن. ڪي شخصيتون اهڙيون به آهن، جن کي اسان جو نئون نسل نه ته ڏسي سگهيو آهي ۽ نه وري سندن بابت ڪجهه پڙهي ئي سگهيو آهي. مثال طور، ممبئيءَ جو رهواسي دادا آر جي آڏواڻي، جو هر سال شاعريءَ جي بهترين ڪتاب تي شاعر کي هڪ لک روپيا انعام طور ڏيندو هو. سرڳواسي آڏواڻي امداد جي ڪيترن ئي طريقن سان، غريبن جي امدد ڪندو رهندو هو. مجتا ۽ احترام وچان ڪيس دادا سڏيو ويندو هو. ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ، ڪراچيءَ ۾ ڪي-پي-ٽيءَ پرسان قمر هائوس، دادا آڏواڻيءَ جي ئي ملڪيت هئي.

هند ۽ سنڌ جا ڪجهه اهڙا به ڪلاڪار ۽ ڪلاڪارائون آهن، جن جي فن ۽ زندگيءَ جي احوال کي قلم ذريعي گهٽ اُجاگر ڪيو ويو آهي. مثال طور، ڊول فقير، پارُو ڇاولا، علڻ فقير، عبدالله ڪڇي، اُستاد نياز حسين، وحيد علي ۽ نجم نُور.

ڪتاب ۾ آيل ادبي، سماجي، انسان دوست، سياسي ۽ ڪلا ساں مالامال شخصيتن جي احوال ڳڏ ڪرڻ لاءِ، مونکي پنهنجي ذاتي "ذوالفي اينڊ بلاول لئبريري"، ڪجهه ٻين لائبريرين ۽ اخبارن جي خاص


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرچن کي هٿ ڪري، بہ ڪم ڪرڻو پيو آهي، جنهن لاءِ مان مددگار دوستن ۽ مهربانن جو وڏ ۾ وڏ ٿورائتو آهيان.

اسان جي پرڏي پنيان آيل توڙي عالم آشڪار شخصيتن جي باري ۾ جيڪڏهن ڪو هڪ پڙهندڙ بہ منهنجي هن ڪتاب کي پڙهي، ڪجهہ لاڀ حاصل ڪندو تہ منهنجا نيڻ ٺري پوندا. جو آنند ۽ آسيس مان وچڙي ويلن جي ماڳن مڪانن ۾ پهچي بہ حاصل ڪندو رهندس.

هونءَ تہ ڪتاب ۾ آيل سڀ جون سڀ شخصيتون مون لاءِ اهم آهن، پر ويڇن واريءَ عظيم سنڌ جي عظيم محافظ سائين جي ايم سيد، پير حسام الدين، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، آرجي آڏواڻي، سراج ميمڻ، موهن ڪلپنا، گوبند مالهي، تنوير عباسي، فہ م لاشاري ۽ اُستاد نياز حسين بابت ڪنو ڪيل احوال مون لاءِ بہ اُتساهہ جو ذريعو بڻبو رهيو آهي. هن ڪانپوءِ مستقبل قريب ۾، پڙهندڙ منهنجا بہ ڪتاب هوندا، جي آهن: "سنڌ جي تاريخ جو ڪيڏارو ۽ سونَ سريڪا چار سين (سنڌو، سنڌ، سن ۽ سيد) موڪلائي ڪانهي، سدائين گڏ.

دعائن جو طلبگار

**تاجل بيوس**

A-62, Block 4A
Journalist Society
Gulshan-e-Iqbal
Karachi (Sindh)
Ph: 021-4813459
Mobile: 0300-2528062



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريم بلڙيءَ وارو، شاهه عنايت شهيد ۽ مخدوم بلاول سنڌي قوم جا سورما آهن. جڏهن تہ پنجاب بابا بلي شاهه، سلطان باهو، ماڌو لال حسين، ميان محمد بخش ۽ وارث شاهه سان گڏ پنهنجي ماءُ جي ٻوليءَ کي وساري، ٻي زميني ماڻهن (landless people) جي زبان ۽ ادب کي چنبڙيا پيا آهن. سرائڪي پٽيءَ وارا اڄ بہ خواجا غلام فريد کي پنهنجو قومي شاعر تسليم ٿا ڪن. سنڌي قوم پنهنجي جنم ڀوميءَ کي جيجل امان سڏڻ ۾ نہ رڳو فخر محسوس ڪندي آهي، پر ان سان گڏ ڪيس روحاني سڪون ۽ اطمينان بہ نصيب ٿيندو آهي.

سائين جي ايم سيد جي لفظن ۾ هتان جي قومي تحريڪن جون روايتون بہ صوفياڻيون رهيون آهن. اسان وٽ تاج، تخت، لشڪر، دولت، دٻدٻي، نمائش ۽ ڏيکاءَ جي حيثيت ذري برابر بہ نہ رهي آهي. ياد رهي تہ سٺ واري ڏهاڪي ۾ ڪوٽ ڏجي ۽ بنگلي پرسان اپن شاهه جي ٽڪريءَ تي واقع اپن شاهه جي درگاهه تي سن جي سائينءَ پاران قائم ڪيل ”بزمِ صوفياءِ سنڌ“ هڪ مشاعرو ڪرايو هو، جنهن جي صدارت سن جي سائينءَ ڪئي هئي. استاد محترم حڪيم الهندي جتوئي ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي همٿائڻ تي مون بہ پهريون دفعو ان مشاعري ۾ اسٽيج تي اچي، شعر پڙهيو هو. منهنجن بيتن ۾ رڳو سنڌ ۽ سنڌي علامتي ڪردارن جو ذڪر هيو، مان جڏهن اسٽيج تان هيٺ لٿو هئس تہ سائين جي ايم سيد ڀرانڊي پائي، چيو هو: ” پٽ! تو واهه جا پڪا ۽ پختا بيت ٻڌايا آهن.“ ان قسم جا اثر ڇڏيندڙ لفظ مان محترم رسول بخش پليجي جي واتان بہ ٻڌا هئا. سائينءَ اهڙو تہ ميڙائي ڇڏيو، جو مان بيتن پٺيان بيت لکڻ شروع ڪيا هئا. جيڪي پوءِ ”نئين زندگي“ ۽ ”روح رهاڻ“ ۾ ڇپيا هئا.

1843ع کان اڳ واري زماني ۾ سنڌ صدين تائين آزاد رهندي آئي هئي. ويجهڙائيءَ ۾ عربن، ارغونن، ترخانن، مغلن ۽ انگريزن جي قبضي ڪانپوءِ بہ ورهاڱي تائين سنڌ تي چار دفعا مقامي ماڻهن حڪمراني ڪئي هئي، جن ۾ سومرا، سما، ڪلهوڙا ۽ ٽالپور ٿا اچي وڃن. متان ڪو سنڌ تي حملو ڪري ۽ اهنسا جا اصول ٽٽي پون، ان ڪري سنڌي حڪمران ڌارين حملي آورن جو منهن بند ڪرڻ لاءِ ٻارهين مهيني ڪجهہ نہ ڪجهہ کين ڀيٽو ڪندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) جڏهن ته آزاديءَ انصاف ڪڏهن به پنهنجي وسيلي ۽ بي پرواهيءَ سان پلئه نه پوندا آهن.

(ب) اوهان مان گهڻن پڙهيو هوندو ته رسول ڪريم مڪي جي پهاڙن تي چڙهي، عربن کي چيو هو ته پهاڙ جي هن طرف وڏو لشڪر اوهان کي ڳڙڪائڻ لاءِ تيار بيٺو آهي. جيڪڏهن توهان منهنجيءَ ان ڳالهه کي سچ سمجهو ٿا ته پوءِ منهنجي چوڻ تي هلو - نجات اوهان جو مقدر آهي.

آءٌ به اڄ سن جي هن جابلو ۽ اتاهين ڏرتيءَ تان اوهان کي پڪاريان ٿو، ته جيڪڏهن توهان اينڊڙ خطرن ۽ طوفانن جي ان ادراڪ ۽ احساس کي پنهنجيءَ دل ۾ ائين محسوس ڪيو، جئين مون محسوس ڪيو ۽ ڏٺو آهي ته پوءِ توهان ڪامياب ۽ ڪامران هوندؤ. ٻيءَ صورت ۾ غافل، ڪاهل ۽ لالچي قومن ۽ فردن جو انجام، تاريخ جي صفحن ۾ عبرتناڪ ٿيندو آهي. منهنجي دعا آهي ته شال سنڌي قوم اهڙي انجام سان دوچار نه ٿئي ۽ سنڌ سدائين آزاد ۽ خوشحال ملڪ رهي!

(ت) اسان جي قومي تحريڪ جون روايتون صوفياڻيون رهيون آهن. اسان وٽ تاج، تخت، لشڪر ۽ سپاهه، دولت ۽ دٻدٻي، نمائش ۽ ڏيکاءَ جي حيثيت ذري برابر به نه رهي آهي.

(ث) هڪ جاءِ تي بند تيل پاڻي بدبوءِ ڪري ويندو آهي، تازگيءَ لاءِ وهڪري جي ضرورت آهي. قومي زندگيءَ جو وهڪرو، اظهار راءِ ۽ جماعت سازيءَ جي آزاديءَ سان قائم رهي سگهندو آهي ۽ نه مخالفن کي ختم ڪرڻ جي ذريعي.

(ج) ڪابه قوم ۽ ملڪ آزادي حاصل ڪرڻ جي لائق نه ٿو ٿي سگهي، جيستائين ان جي ٻچي، ٻچي ۾ حب الوطني، قومپرستي، ايثار ۽ قربانيءَ جو جذبو پرجي نه ويو آهي.

(ح) سوشلزم مان منهنجو مطلب اهو آهي، ته ملڪ جي پيداوار ۽ وڏهاست جا ذريعا ۽ پيسو اهڙي ضابطي سان ورهائجو ۽ ڪتب آڻجو آهي، جو ان جو فائدو ڪثير تعداد رهاڪن کي ملي ۽ اهڙيءَ طرح عمل ڪرڻ ڪري ماڻهن کي ذهني ترقيءَ لاءِ وقت ۽ موقعا ملن.

(خ) جمهوريت جي معني عوام جي حڪومت آهي، پر ان عوام جو هم خيال هئڻ سڀ کان ضروري آهي. انهيءَ کي آزادانه طور بنا خوف ۽ خطري جي ڪم ڪرڻ لاءِ درمياني عرصي جي ضرورت آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(د) ملڪ ۾ صحيح جمهوريت رائج ڪرڻ لاءِ مذهبي ملان، پير، وڏيري، ڪارخانيدار ۽ ڪاموري کي اسيمبلين ۾ داخلا جو حق نہ هوندو. صحيح جمهوريت ۾ هيٺين ڳالهين جو هئڻ ضروري آهي:

(1) ان ۾ هڪ قوم جو ٻي قوم تي سندس اڪثريت، قابليت، تشدد، پيسي ۽ ذهن جي آڌار تي تسلط قائم نہ رهي.

(2) جنهن ۾ شاهوڪار، ڪارخانيدار، ملان ۽ پير کي سياست لاءِ ملڪ ۾ دست اندازي ڪرڻ تي بندش هجي.

(3) جنهن ۾ هڪ گروهہ يا طبقو ٻئي گروهہ يا طبقي جو اقتصادي استحصال نہ ڪري سگهي ۽ ملڪ جي جملي ماڻهن کي هڪ جهڙا موقعا ۽ حق حاصل هجن.

(ذ) قومون فردن جي همت ۽ جدوجهد سان زندهہ رهنديون آهن.

(ر) فسطائيت جو بنياد هن ڳالهہ تي رکيل آهي تہ ماڻهن کي وڏ ننڍائي، صحيح، غلط، مضبوط ۽ ڪمزور، صالح ۽ غير صالح جي گروهن ۾ ورهائي، ٿورن مخصوص ماڻهن جو ڪثير عوام مٿان زبردستيءَ جو تسلط قائم ڪيو وڃي.

(ز) قوم فردن جي يڪ خياليءَ ۽ گڏيل عمل جو نتيجو آهي، قطري جو معراج، سمنڊ ۾ سمائجڻ ۾ رکيل آهي ۽ شخص جو عروج قوم ۾ فنا ٿيڻ سان ٿئي ٿو. خود مطلبي ۽ تن آساني قومي جسم لاءِ وڏا مرض آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري مجيندا آهن) سوڪر (نازڪ، ضد آهي اِسٿول) تِتڪال (بنا دير، جهٽ پٽ) سوريو (سورهيه، سورمو) اگم (مخفي، ڳجهو) اپروڪ (ظاهر ظهور) وڪاد (لڙ گوڙ) ڪنچر (هاٿي) اُپاڌ (فريب، ٺڳي) گورڪ (هڪ سنت جو نالو، اهو سنت، جنهن پنهنجن حواسن کي ضابطي ۾ رکيو هجي) رتَ (هڪ مهاپرش جو نالو، آتم پرش) سرومٽي (پرڏان، منهندار) وياپڪ (هرجاءِ حاضر) نداڌارُ (بي سهارو) درشٽ (نظر، نگاهه) نريئي (بي خوف، نڊر نارد (هڪ رشيءَ جو نالو) جئڪار (سوڀ) تيبر (تيز تکو) انراڳ (پيار، پريم) اڌڪاري (اختيار وارو).سپاڙي (پاڙ يا جڙ سوڌو) ڪرتارٿ (جنهن جو ڪم يا مطلب پورو ٿيو هجي) بوڌ بـرڇ (عقل جو وڻ) پرمارٿ (ڀلائيءَ جو ڪم) وڪارُ (سياءَ کي بدلائڻ، بيمارِي، ويدانت جي فلسفي جا پنج وِڪار آهن: ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار)

متي ذڪر ڪيل هندي ۽ سنسڪرت جا ويدانتي لفظ ۽ محاورا سنڌي شاعريءَ ۾ ڪٽڪ ۾ ٻٽڪ جي مثال آهن. سنڌ جي اها سرزمين، جتي اڄ هندي ۽ سنسڪرت جو واهپو ۽ وهنوار اٽي ۾ لوڻ برابر به نه رهيو آهي. ملڪ جي ورهاڱي ڪري، ٻاوا، مني ۽ رشي به سرحد اڪري، وڃي هند ڀيڙا ٿيا آهن. ٻي خاص ڳالهه جا ساميءَ کي سمجهڻ ۾ رڪاوٽ ڪڙي ٿي ڪري، اها وقت جون بدلجندڙ حالتون ۽ قدر آهن، ساميءَ جي شاعريءَ جو تعلق ارڙهين ۽ اڻويهين صدين سان آهي، جڏهن سنڌ تي ڪلهوڙن ۽ ٽاليورن جي حڪمراني هئي. سنڌ جي ماڻهن وٽ جيڪڏهن بئنڪن ۽ روڪڙ گهٽ هئي، مگر پوءِ به ماڻهو پيٽ ڀري ماني کائيندا هئا. ڪنهن گهر اڳيان اِن جون گنديون ۽ پليون ماڻهن جو بئينڪ بئلنس هوندو هو. ڌارين جون سنڌ ڌانهن يلغارون گهٽ هيون، اِن ڪري، ساميءَ کي ڪي قدر حق هو، ته هو پيٽ ڀريندڙ اَن ۽ پاڻيءَ کي ڪافي سمجهي، مايا (دولت) کان مڪتي (نجات) حاصل ڪرڻ لاءِ مايا ۽ مايا جي موهه کان نفرت ڪرڻ واري زمين ۾ شاعريءَ جو هرُ هلائي. خلا تي پهچڻ، خلا ۾ اڏامڻ ۽ قدم رکڻ واري سائنس ۽ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي به عدم جي پردي پٺيان آيل هئي، اِن ڪري روحاني رمزن تائين پهچڻ جي اڪير ۽ اڪنڊ مايا کان نفرت ڪرڻ جو گهڻو ٺٺو جواز هيو. جاڪاڻ ته ڌارين جي يلغارن نه هئڻ ڪري، مايا جي وسيلن تي ڪنهن غير ۽ ڌاريءَ جي قابض ٿيڻ جو خطرو به گهٽ هو. هن وقت اسان سنڌ واسي ويهين صديءَ کي خير آباد چئي، ايڪيهين صديءَ جي ياڪر ۾ اچي چڪا آهيون، جڏهن هر طرف کان بهاري، برمي،

بنگالي، افغاني، پناڻ ۽ پنجابين جهڙن نئين سچ نيون يلغارون آهن، جي مايا جي وسيلن تي قابض آهن، جا مايا هوندَ اسان سائنسي ڪوجنائن ۾ ڪتب آڻڻ گهرون ٿا، ۽ اهڙيءَ مايا (ڌن دولت) جي ساميءَ جي ارڙيهن ۽ اٺويهين صدين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ضرورت آهي، ان ڪري اڄ اسانکي ان ياٿي چٽنراءِ ساميءَ جي ضرورت آهي، جو تن من کي تسيا ڏيڻ بدران، پيٽ ڀري کائي، اوگرايون ڏئي، ڪمپيوٽر تي ويهي، اِي ميل جي فائيلن کي بہ جاچي، ۽ پنهنجا سلوڪ ۽ بيت بہ پاڻ ڪمپوز ڪري. ڇو تہ، مايا کي جيڪڏهن اسان غلط طريقن سان ڪتب ٿا آڻيون، تہ پوءِ ان مايا (Wealth) کان اسان ڇو نفرت ڪيون؟ ڇو تہ ان مايا مان اڌ مايا جو ضرورتمند ۽ اپاهج انسانن تي لڳائي، باقي بچيل مايا مان زراعت جي اپت سائنسي طريقن سان حاصل ڪيون، ڪمپيوٽر خريد ڪيون، ۽ ائين عالمي سطح تي چٽاڀيٽيءَ (Competition) جي دوڙ ۾ ملڪ ۽ قوم جي دل کولي خدمت ڪيون.

**مايا بابت ساميءَ جا سلوڪ هي آهن:**

(1) مايا ڀلائي، وڏو جيءُ ڀرم ۾
(2) سارو جڳ انڌو، ٿيو مايا جي موهہ ۾
(3) ڪئي خلق انڌي، مايا موهہ ممت سان
(4) ساري خلق خوار، رهي مايا موهہ ۾
(5) مايا ڪيا موهڳا، ساميءَ جيءُ جهان جا
(6) مايا ڪسي مت، سامي ورتي سڀ جي
(7) مايا ڪري غلام، سامي وڏو سڀ کي
(8) انڌن ڏي آئي، مايا بٽي موهڻي
(9) مايا مڇايو، ڪوڙو ڪيل ڪلپ جو
(10) مايا منجهہ مستان، مورک رهن ڪيترا
(11) ڏاڍي ڏيوالي، مايا ڏانئڻ ڏندري
(12) ڪيڏي ڪليجو، مايا ڏانئڻ سڀ جو

ويدانتي شاعريءَ ۽ فڪر توڙي فلسفي ۾، وياس جي گڏ ڪيل هندو ڌرم جي ارڙهن (18) ڌرمي پراڻن يا پستڪن جو وڏ ۾ وڏ عمل ۽ دخل آهي، جن جو ساميءَ بہ چڱو خاصو ذڪر ڪيو آهي. مثال طور هي بيت پڙهو:

ڇهہ، اٺارهن، چار، ڳالهہ چون ٿا هڪڙي،
در، در ديوانن جان، ناحق ڪيم نهار،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملي ساڌ سنگت سان، بيحد ڏيئو پيار،
تہ بيٺي منجهہ بزار، سامي ڏسين سپرين

ساميءَ جي انارهن (ارڙهن) پراڻن ۾ ڪل چار لک اشلوڪ ٻڌايا تا وڃن، جن ۾ دنيا جي پيدائش، وڏي پرلئہ يادئيا جو ناس ٿيڻ ۽ سورمن ۽ سنڌن پونئرن جو ذڪر ٿيل آهي. اچو تہ پنهنجيءَ معلومات لاءِ ارڙهن پراڻن جا نالا بہ ڳڻايون.

(1) برهم (2) پدم (3) برهمانند (4) اگني (5) وشنو (6) گرڊ (7) برهم ويورت (8) شيو (9) لنگ (10) نارد (11) سڪند (12) مارڪنڊيہ (13) پوشيت (14) متسيہ (15) وراهہ (16) ڪورم (17) دامن ۽ (18) ڀگوت

ڪراچيءَ جي سوامي نارائڻ مندر ۾ اينڌڙ فيبروري مهيني ۾ رٿيل سامي ڪانفرنس جي موقعي تي پريم ساگر جو "سامي نمبر" ڇپائي پڌرو ڪيو ويندو. اهڙو اطلاع مونکي مانواري وليرام وليءَ ۽ تاج جوئي طرفان ڀارت مان واپس ايندي ئي ملي ويو. مون ٿورو گهڻو ساميءَ کي اڳ پڙهيو هيو، پر متس ڪجهہ لکڻ لاءِ سنڌي اڪيڊمي، دهليءَ پاران 1997ع ۾ ڇپايل "ساميءَ جا سلوڪ" کڻي ڏيان گيان سان مون پڙهڻ شروع ڪيو. مون ڏٺو تہ مايا، اوديا، مورک، اگياني، ويساسي، پاونا، ساڌمهما، ست سنگ مهما، گرمک، ايشور مهما، اپديش مهما، ڀڳتي، سک، پريم، نيهي، محبت، عشق، عاشق، سهاڳڻ، ڇهہ انارهن چار، لکشڻ، فقير، دروند، اڏوت، ساڌوجن ۽ سنت جهڙن ڇويهن (26) بابن تي ڪتاب جي ٽن ڀاڱن ۾ ساميءَ جا ڪل 2680 سلوڪ ڏنا ويا آهن.

ساميءَ بابت مٿي ذڪر ڪيل معلومات ڪانسواءِ، مون ساميءَ جي سلوڪن واري سمنڊ مان ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ غواص بڻجي، جڏهن غوطا خوري ڪئي، تڏهن جو ڪجهہ منين ۾ هٿ لڳو، اهو بہ هيٺ ڏجي ٿو.

### (1) ساميءَ جي سلوڪن جي لکڻ جو اصل مقصد

گيان وگيان ڪانپوءِ ساميءَ کي پنج وڪار يا رڪاوٽون محسوس ٿيون، جي آهن: (1) ڪام (2) ڪروڌ (3) لوڀ (4) موهہ ۽ (5) اهنڪار. اهڙين بيمارين جهڙا ساميءَ جي نظر ۾ انسان جا پيا پلوان دشمن نٿا ٿي سگهن. اهڙن دشمنن کي مات ڪرڻ لاءِ ساميءَ جو خيال آهي، تہ انساني بستين ۾ آسماني ڪتاب، شر تيون ۽ سمرتيون ظاهر ڪيون ويون ۽ رشي ۽ مني بہ ظهور ۾ آيا. اهڙيءَ طرح ماڪ ديهہ (انساني سرير) کي سقلو بڻائي سگهجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو، جيئن مايا جي موهه، ڪام ۽ ڪروڌ تي غالب پئجي سگهجي. ان لاءِ ماڻهوءَ کي ساڌ سنگت ۾ رهي ڪري، ستِ (سچ) جي ستن هٿيارن سان ليس ٿيڻو آهي، جي آهن: ڪرم (عمل، مذهبي رسم) سيل (سچائي) سنتوک يا سنتوش (صبر) نرويرتا (انسان دوستي) شيوا (سيوا، خدمت) ديا (ٻاجهه، ڪرپا) ۽ ڌرم (مذهب).

ساميءَ جي نظرن ۾ ساڌو اُهي آهن، جي ڪايا ۽ مايا جي موهه ۾ غلطان نه رهن، جي جڳت کي ڪوڙ ۽ ريب سمجهن ۽ ڪلپت (وهم) کي، ڪٽي، سنگسار ڪري ڇڏين، ۽ سندن اصلُ ڌن دولت، آتم ڌن ۽ گيان، اتم گيان آهي. ممتا (دنيا جو پيار، موهه) کي مارڻ ۽ ايمان (تڪبر) کي ڦاسيءَ چاڙهي، سائينءَ جي سيوا ۾ پاڻ ارپڻو آهي. ان ڏس ۾ هڪ ساڌوءَ لاءِ وديا (علم) ۾ غرق ٿيڻ ڪانٽن سوري هن لاءِ سيج آهي، زهر، شربت آهي، ڏک، سک ۽ آنند آهي، ۽ موت، حياتي آهي، ۽ پوءِ ٻين جو خير، پنهنجو خير آهي، جڳ جو خير آهي.

### (2) ساميءَ جو وحدت الوجوديءَ واري مسلڪ جو هئڻ :

وحدت الوجود واري صوفياڻي يا ويدانيت واري مسلڪ "همه اوست" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي. سڀ ڪجهه، هو يا اهو ئي آهي؛ هي نظريو هجري ڇهين صديءَ ۾ اسپين ۾ جنم وٺندڙ شيخ اڪبر مهي الدين ابنِ عربيءَ پيش ڪيو، جنهن جو مطلب آهي ته هن ڪائنات جي ڪابه شيءِ خالقِ اعظم کان الڳ وجود نٿي رکي، يعني خالق ۽ مخلوق جي وحدانيت ۾ ڪوبه فرق نه ٿو هجي، جنهن لاءِ چيو ويو آهي، ته ڪائنات ۽ ڪائنات جي جوڙڻهار جو وجود هڪ ئي وجود آهي. اجان به هن مسلڪ کي ظاهر ڪبو ته خبر پوندي، ته انسان ۽ ڪائنات کي وجودِ واحد مان پيدا ڪري، مخفي خزاني کي آشڪار ڪيو ويو آهي، ۽ ائين ذات، پاڻ کي صفات ۾ ظاهر ڪيو آهي.

اچو ته ايشور مهما واري باب مان ساميءَ جا به بيت ڏيون، جن ۾ "همه اوست" واري مسلڪ سچ وانگر اپري پويٿي:

بيک ڌري آيو، خاوند پاڻ خلق ۾،
چاهه ورائي چت سان، نانا رنگ لايو،
ڳُتيءَ ليکي ڪوئن پري، اچرج مچايو،
سامي سمايو، نيارو رهي نپ جان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئڙي نئن نهار، تہ سيتل تئين سامي چئي.
جيئن پيڙيءَ جو پور، تئين سنگ سنسار جو
لاڦان لڪ هٽن، پنڊت ڇاڻي پاڻ ڪي
پوڙا ڪين پڌن، دانهان درد وندن جون
ڏرتي هري نہ ٿئي، بنا پاڻيءَ مينهن
ڪهڙي پيٽ ڏريان، سامي ساڌ سنگت ڪي
هر، هر هٽ مَ پاءِ، عشق جي اسرار ۾
سهاڳڻ سائي، ڪانڌ جنهن جي ڪڇ ۾

ساميءَ جي گيتا، پراڻن، ويدن، اپنڪارين، شاسترن، جوڳيسرن ۽ ساڌ سنگت بابت وسيع معلومات توڙي شعري ڏرجي کي سامهون رکي، اسان چئي سگهون ٿا، تہ سامي، ويدانيتي مسلڪ جو وڏي ۾ وڏو سنڌي شاعر آهي. لطيف "چنل چج هٿن ۾، ڪلهن ڪوڙارا"، ڪانونئي "پيو پاريندو ڪير، ڪاهوڙڪي ڪير ري" تائين لکيو آهي. ان ڪري هر وڙ ۾ ورجيس جي بنياد تي شاهہ ٿموريءَ ۾ وڏو، ۽ سامي ٽيون نمبر شاعر ٿو وجي بيهي، جڏهن تہ هڪ ادبي وڙ يعني ويدانتي حوالي سان سامي سنڌيءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي وحدت کي گيتن ۾ محفوظ ڪندڙ باغي شاعر

# شيخ اياز

سنڌ مان سنڌين جي سرحد پار لڏ پلاڻ کان سنت پوءِ پنجاهه ۽ سٺ واري ڏهاڪن ۾ سنڌين جي بنيادي حقن جي لتاڙ ۽ ون يونٽ جي گهانگهي پوڻ کانپوءِ سائين جي ايم سيد، لطيف سائينءَ جي بيتن جي صحيح معنيٰ سمجهائي، ڪتاب لکي ۽ ان سان گڏ "بزم صوفياءِ سنڌ" قائم ڪري، آمراڻي ٽولي خلاف اسانکي سجاڳ ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو. سامراجي عناصر ڪراچيءَ کي غير فطري عمل ذريعي وفاق سان ملائي، هتان جي آمدنيءَ تي ڌاڙو هڻڻ، اولهه ۽ اوڀر پاڪستانن ٺاهڻ، ون يونٽ جو ڳچيءَ ۾ طوق وجهڻ، ملڪ جي گاديءَ کي مرگلا پهاڙين ۾ ڪٽي وڃڻ، سنڌ کي باب الاسلام ۾ تبديل ڪرڻ جا شوشا ڇوڙڻ، سنڌ جون زمينون پڳڙن مٿ تي فوجين، لاهور، ميانواليءَ جي رانديگرن ۽ ڪشتيءَ جي پهلوانن کي ڏيڻ، پاٽيءَ تي ڌاڙا هڻڻ واري عمل دخل سان سنڌ جي "وحدت" کي مليا ميٽ ڪرڻ لاءِ نهن چوٽيءَ جو زور لڳايو. ان کان اڳ سنڌ جو ملان سائنسي سوچ ۽ ترقي پسند لاڙن جي ڏيڻ ۾ ڦاسائڻ لاءِ لطيف جي بيتن جي پنهنجي مرضيءَ مطابق ظاهري ۽ باطني شرح سمجهائي سنڌ جي نوجوان نسل کي آفيم جون گوليون کارائي، جڻ ته سمهاري ڇڏيندا هئا. ان جي ابتڙ سائين غلام مرتضيٰ سيد ۽ ڪائونس فيضياب ٿيل سنڌ جي دانشورن، ٿوري ڪائونس اڳ وارن عالمن اڪابرن سنڌ ۽ سنڌيت جا سبق ڏيئي، لطيف ۽ سنڌ کي سمجهڻ ۾ رستو هموار ڪيو، جن ۾ سائين ميران محمد شاهه، حيدر بخش جتوئي، مولانا غلام محمد گرامي، رسول بخش پليجو، محمد ابراهيم جويو، علامه آءِ آءِ قاضي، سوڀو گيانچنداڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، چيتمل پرسرام، حفيظ قريشي، پروفيسر امر ڏنو لال جڳتياڻي، عبدالواحد آريسر، ڪيرت ٻاٻاڻي، يوسف لغاري، ۽ علي بابا شامل آهن. هنن وڏڙن سياسي سجاڳيءَ سان گڏ سنڌ سان جذبات جي حد تائين پيار ڪرڻ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن لطيف ڪانپوءِ اياز پهريون دفعو بلوغت کي رسيل هر لحاظ کان ڪڙيءَ چڙهيل بيت ۽ وائي لکي سامهون آيو. جنهن تي فرسوده روايتن تي عمل ڪندڙ ملان قسم جا شاعر ۽ رجعت پرست اديب ميڙجي ويا. جن ۾ اهڙا شاعر به هئا. جي فارسيءَ جا دقيق لفظ شعر ۾ ٽنبي، پنهنجي وڏائيءَ جو سبب سمجهندا هئا ۽ ڪيترا اخبارن جا ايڊيٽر به مخالفت جا هٿيار ڪٽي، اياز خلاف ڪالم لکڻ لڳا.

اياز جي مخالفت جو ٻيو زمانو وائيس چانسلر جي مقرريءَ وارو آهي، جنهن کي ان وقت جي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪم تي مقرر ڪيو ويو هو. ڀٽي صاحب کي خبر هئي ته اياز آمر ايوب ۽ يحيٰ خلاف شعر ۽ ادب جي پليٽفارم تان هڪ طاقتور محاذ قائم ڪيو هو. ان ڪري ڀٽي صاحب کي ائين ڪرڻ ۾ پنهنجي عاقبت سنوارڻ وارو به قدم نظر آيو. ۽ وائيس چانسلر مقرر ڪرڻ جا احڪام، سي به عوام طرفان چونڊيل وزيراعظم طرفان، هڪ وڏي شاعر ۽ ڏاهي لاءِ به هڪ سٺو سنوڻ هو. جنهن لاءِ اياز مستحق به هو. ڇاڪاڻ ته اياز جو پهريون ڇپيل شعري مجموعو "ڀونر ڀري آڪاس" 1964ع ۾ ايوب جي آمريتي دور ۾ ضبط ڪيو ويو هو ۽ هڪ ٻيو شعري مجموعو "ڪلهي پاتم ڪينرو" ۽ نثر جو اعليٰ ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" 1968ع ۾ ضبط ٿيا. نه رڳو اياز جا ڪتاب، پر ان سان گڏ ڪيترا سنڌي رسالا به بند ڪيا ويا ۽ 1965ع ۾ پهريون ڀيرو اياز کي جيل به موڪليو ويو. اياز کي آزاد ڪري، وري 1968ع ۾ سياسي ليڊرن سان گڏ ڪيس جيل اماڻيو ويو. ۽ اهڙيءَ طرح اياز کي وري ٽيون ڀيرو به 1971ع ۾ جيل جون عقوبتون سهڻيون پيون.

مٿين ڏاڍاين سهڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن اياز کي هڪ عوامي چونڊيل وزير اعظم پنهنجي ئي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ وي، سي بڻايو، ته ان ۾ ڪا به حڪايت ۽ شڪايت نه هئڻ گهرجي. ان جي ابتڙ پنجاب جي سياستدانن تي نظر وجهبي ته اهڙا هزارين اسانکي مثال ملندا، جنهن هيٺ نااهلن کي نوازي، ڪين پٽ تان ڪٽي ڪٽ تي وهاريو ويجي ٿو.

ڀٽي صاحب جي گرفتاريءَ ڪانپوءِ ضيا شاهيءَ جي ڀڪر ڀوساٽ وارو دور اچي ويو، جنهن ۾ اياز وي، سيءَ جي عهدي تي فائز رهيو. اياز جي عاقبت ان ۾ هئي، ته آمرن جي اطاعت ۽ پاليسين کي ٺڏي فورن استعيفا ڏئي، سکر پهچي، وڪالت وارو پنهنجو لاٿل ڪارو چوغو سنڀالي ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اياز جي مخالفت جو ٽيون زمانو سندس دعائن وارو هو، جڏهن جماعت اسلاميءَ جو هڪ وفد ڪلفٽن واري فليٽ ۾ اچي ساڻس مليو هو. جنهن ڪري هو ادب جي اصل مؤقف تان هٽڻ لڳو هو. ٽيهارو سالن ۾ سنڌي قوم کي ڏنل سائنسي سوچ ۽ فڪر جنهن سوين ۽ هزارين شاعر ۽ اديب پيدا ڪيا هئا، جي اياز جي جلايل مشعل مان ڇاڻ جون ڇاٽيون ۽ ڏات جا ڏيئا ٻاري رهيا هئا، اياز اها سوچ ۽ فڪر ڪائنات واپس وٺي رهيو هو. جڏهن تہ نئين ٽهيءَ جا نوجوان شاعر فرسوده روايتن جي ڪارڻ کي هڪالي، ادب جي نون پوٽن ۽ وڻن جي آبياري ڪري رهيا هئا.

مٿين حقيقتن تي نظر وجهڻ ڪانپوءِ اسان ان نتيجي تي پهچنداسون تہ سنڌ جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ هرويرون اياز سان نہ ڪوئس ڪئي هئي ۽ نہ وري ڪنهن قسم جي مخالفت تي زور ڏنو هو، پر هر دفعي اياز پاڻ ئي پنهنجي مخالفت پيدا ڪرڻ جو جواز پيدا ڪيو هو، سواءِ ان مخالفت جي، جا نظرياتي طور ۽ سندس پلوڙ شاعري پڙهي، روايت پسند ۽ رجعتي ٽولن پنجاهہ ۽ سٺ وارن ڏهاڪن ۾ ساڻس ڪئي هئي.

سنڌ جي نوجوان جامي چانڊئي ڏاڏو سبنو لکيو آهي تہ "سنڌجي ماڻهن جي اڪثريت ادائي سؤ سالن گذرڻ ڪانپوءِ بہ لطيف کي شاعر ۽ مفڪر جي حوالي سان نہ سمجهي سگهي آهي، ۽ اڃان سوڏو ماڻهن تي لطيف جي پير پرستيءَ وارو غيرسائنسي جذبو حاوي رهيو آهي. ان ڪري اسان لاءِ بهتر ائين ٿيندو تہ اسان ڇڏي ڏيون اياز ۽ اياز جي تخليق ڪيل شهپارن کي تہ اهي ڪلاسڪس جي مختلف مرحلن مان گذري، پنهنجي مقبوليت جو اصل مقام ۽ گراف ڳولهي، بلندين تي پهچن.

شيخ اياز سان منهنجي ٻانهن ٻڌڻ واري وات جو پهريون باب ستر واري ڏهاڪي ۾ سندس گلشن اقبال واري گهر ڪان منهنجي سرڪاري گهر واقع گارڊن روڊ ڪان شروع ٿي، مڊايسٽ اسپتال ۾ داخل ٿيڻ واري رات ڪانوئنس طبيعت پڇڻ تي پڄي ٿو، جنهن وچ ۾ سندس گهر ۽ منهنجي گهر روح رهاڻيون ڪرڻ، سمنڊ ڪناري ٽيلار ڪرڻ، اياز جو منهنجي دفتر قدم ڀري اچڻ، چائنا ٽائون ۾ اديب دوستن سان ماني ڪائڻ وارا مرحلا بہ اچي وڃن ٿا.

اياز سان روح رهاڻين جو ٻيو باب 28 ڊسمبر 1997ع ڪان شروع ٿي، منهنجن اکين بند ٿيڻ تي پڄندو، جنهن ڪان پوءِ اسانجي ملاقاتين جو ٽيون دؤر تڏهن شروع ٿيندو، جڏهن اياز بهشت جي باغن ۾ هوندو ۽ حورون ڪيس

بهشتي شراب پيارينديون ۽ مان دوزخ جي ڪنهن جهروڪي مان اياز ڏانهن متيءَ مان جڙيل خالي جام وڌائيندس. اياز اڳتي وڌندو ۽ پوءِ اسان بهشتي ۽ دوزخي جام ٽڪرائي، حورن جي سنگ ۾ هيءَ ترانو ڳائيندا سين:

سنڌ ديس جيَ ڌرتي توتي پنهنجو سيس نمايان

مٽي ماتي لايان

ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين توکي چشمن چايان

گيت به مون وٽ تنهنجا ماتا! بيت به تنهنجا پانيان

جيءَ جيءَ جيجل! جيءَ جيءَ جيجل! توکي ڪيئن لنوايان

رم جهم رم جهم راڳ انهن سان تر بر باهڙ لڳايان

ڪالهه مليران مهڪ اتي جا نگر، نگر ڦهلايان

تنهنجي متيءَ منجهه ملان جي، آءُ امرتا پايان

سنڌ ديس جي ڌرتي توتي، پنهنجو سيس نمايان

مٽي ماتي لايان

مٽي ماتي لايان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادبي لڏي ۾ تنوير عباسي هڪ اها شخصيت هئي، جنهن وٽ خيرپور ۾ پير حسام الدين راشدي وري وري پيو ايندو هو. جتي مان به راشدي صاحب جي ڪچهريءَ مان فيضياب ٿيندو هيس. راشدي صاحب تاريخ ثقافت ۽ سنڌ جي قديم ماڳن مڪانن تي ايڏو ته ڪوجنائي ڪم ڪري ويو آهي، جو هو خاڪي جسم جي حوالي سان بيشڪ اسان وٽ نه هجي، پر ڪتابن جي ورقن ۾ اسان جي دلين ۾ هميشه زنده رهندو. ائين پيو محسوس ٿئي ڄڻ هاڻي به مڪليءَ تي ڄام نندي جي مقبري پرسان، مڪلي نامي ۾ ڏنل 136 تصويرون ۽ شجرن تي راشدي صاحب ڪم ڪري رهيو آهي. ملهايل ورسي جي حوالي سان، سائين حسين شاهه راشدي عملي طور ثابت ڪري ڏيکاريو آهي، ته اسان سنڌ وارا هر دور ۾ هڪ زنده قوم رهيا آهيون ۽ اڳتي به دعا آهي ته اڳ وانگر زنده رهنداسون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ون هنڊريڊ گريٽ لائيوز ۾ ڪم ٿيل عظيم شخصيت

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڏٺو ويو آهي تہ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ادب، فن ۽ انساني زندگيءَ سان سلهاڙيل هر ڪارڪرت کي فروغ ڏيڻ لاءِ، ٻيءَ همت افزائيءَ سان گڏ، انعام اڪرام بہ ڏنا ويندا آهن. اسانجي پنهنجي پاڙيسري ملڪ ڀارت ۾ آباد ٿيل سنڌي اديبن جي قائم ڪيل جماعتن ۽ ادارن تي نظر وجهنداسون تہ خبر پوندي تہ شيلڊن يا تمغن سان گڏ، ڏهن هزارن روپين ڪانوني هڪ لک روپين جا هر سال بهترين ڪتابن تي ججن جي فيصلي موجب روڪ انعام ڏنا وڃن ٿا. جن ۾ ساهتيہ اڪيڊميءَ طرفان پنجويهن هزارن جو انعام، اکل ڀارت سنڌي سڀا جو انعام ۽ پروفيسر رام پنجواڻي لٽريري ائنڊ ڪلچرل ايسوسيئيشن، ممبئي جي پليٽ فارم تان شاعريءَ جي بهترين ڪتاب تي آر. جي آڏواڻي جو هڪ لک وارو انعام بہ شامل رهيو آهي. اسان ڏسئون ويٺا تہ هتي اسان جي سنڌ سونهاريءَ ۾ هن قسم جي همٿائڻ واري ادبي مهم جوئي ڪافي ماٺار جي مرحلن مان گذري رهي آهي.

لنڊن مان هر سال ڇپجندڙ رعبائتي ڪتاب (one Hundred great lives) ۾ انهن شخصيتن جون رنگين تصويرون ۽ ڪارناما ڇاپيا وڃن ٿا. جي ادب، ايجاد، موسيقيءَ، مهم جوئي، خلائي تحقيقي ڪارنامن، ناٽڪ، ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ، دواسازي، راندين، گهوڙيسواريءَ جي ڪرتبن وغيره سان واسطو رکن ٿا. هوڏانهن لنڊن مان ئي شايع ٿيل ڪتاب "ون هنڊريڊ گريٽ لائيوز" کي ڏسنداسون، تہ هن ڪتاب ۾ انهن شخصيتن جو احوال بہ ڇاپيل آهي، جن جو متي ذڪر ٿيل شعبن سان گڏ سائنس سياحت، آرٽ، بهادري ۽ تحقيق سان واسطو رهيو آهي. اهڙين شخصيتن ۾ گئليلو، نيوٽن، ڊارون، رائيٽ برڊرس، هيروڊوٽس، دانتي، روسو، شيڪسپيئر، شيلي، بائرن، ٽئگور، گوتم ٻڌ، سقراط، ارسطو، حضرت محمد، مارٽن ليوٿر، مهاتما گانڌي، قلو پطرا، جون آف آرڪ، مارڪوپولو، ڪولمبس، سڪندر اعظم، ڪمال اتاترڪ ۽ ٻيا شامل آهن. هن قسم جي هڪ سئو ڀاڳوند ليکڪن ۽ سائنسدانن ۾ اهڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تازو گهر ۾ قائم ڪيل منهنجي ذاتي ”ذوالفي ائنڊ بلاول لائبريري“ جي آذار تي هن وقت تائين ڇپايل لوڪ ادب جو ذخيرو ۽ مختصر وچور هن ريت آهي:

معجزا، مولود، ڳيچ، مناقبات، مناظرا، ٽيهه اکريون، واقعاتي بيت، مشهور قصا، ڳجهارتون، ڏٺ، ڏور، لوڪ گيت، نثر بيت، ڏهس، سينگار، مداحون، مناجاتون، ڊول مارو، اردو، سنڌي لغت، سنڌي اردو لغت، جامع سنڌي لغت (5 جلد)، هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ميين شاهه عنايت جو ڪلام، خليفي نبي بخش بلوچ جو ڪلام، نواب ولي محمد لغاريءَ جو ڪلام، شاهه جو رسالو (برٽش ميوزم) شاهه جو رسالو (1206ع ۾ قلمي نسخو لکيل) شاهه جي رسالي جو جامع ۽ مستند متن (10 جلد) ڪليات سانگي، موروڙو ۽ مانگر مڇ، شاهه لطيف ٻوليءَ جو معمار، ليلان چنيسر، شاهه جي رسالي جا سرچشما، سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ، ڪافيون (3 جلد) ۽ لوڪ ڪهاڻيون (ست جلد).

اسانکي اها به خبر آهي، ته 1988ع ۾ لوڪ ادب جا جڏهن ايڪيتاليهه ڪتاب ڇپائي، پڌرا ڪيا ويا هئا، تڏهن اهو به ٻڌايو ويو هو، ته پهاڪا ۽ چوڻيون به جلد ڇپايون، ويندون، خبر ناهي ته هي ڪتاب به روشنيءَ ۾ آيل آهي الائي نه!.

ادبي حلقن کي چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي، ته سنڌي زبان جي لغت تيار ڪرائڻ لاءِ انگريز سرڪار به اڻويهين صديءَ جي شروعات ۾ ڪوشش ورتي هئي، پر مڪمل ۽ جامع لغت جي پنجن جلدن ڇپائڻ جو به سهرو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي سر تو سونهين.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جو جنم 16 ڊسمبر 1917ع ۾ ڳوٺ جعفر خان لغاريءَ ۾ ٿيو. هن وقت پاڻ 86 سالن جي عمر ۾ داخل ٿيا آهن. مونکي خبر آهي، ته ڪين جسم ۾ سور جي تڪليف رهيتي. ۽ سندن عمر به آرام ڪرڻ جي آهي، پر پوءِ به تقرير ڪرڻ واري انداز ۾ به، به ڪلاڪ ويهي لکڻ ۽ پڙهڻ سان نيائيندا پيا آچن. ڏٺي ، شل منهنجي عمر به کيس بخشي!

جئين لطيف رسالو تخليق ڪري، سنڌ ۽ سنڌيت کي هر دور ۾ زندهه رکڻ جو جتن ڪيو آهي، تئين ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لوڪ ادب سهيڙي سنڌ-ماتا کي ڳهه ڳنا پارائي، اِيهي سينگاريو آهي. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر صاحب ڪليءَ دل سان مانواري محمد اسماعيل شيخ، عابد جتوئي، الله بخش يوسف زئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرحوم ممتاز مرزا ۽ ٻين ساٿ ڏيندڙن سان گڏ. سگھڙ برادريءَ جا به ڳڻ ڳاتا آهن.

اسان جو پڪو ايمان آهي ته ڊاڪٽر صاحب سنڌي لوڪ ادب سهيڙي، ڇپرائي، ڀاڄ ڪي لطيف ۽ سنڌ واتگر اسان سان گڏ رهڻ جو احساس ڏياريو آهي. مونکي يقين آهي، ته جيستائين شاهه لطيف جو رسالو ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي سهيڙيل لوڪ ادب جو خزانو آهي، تيستائين سنڌ ساڻيهه توڙي سنڌي ادب، ثقافت ۽ سنڌيت اسانکي سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن تي جهومندڙ ڪيتن جو احساس ڏياريندا رهندا. مان سنڌ سرڪار جي ڪلچر کاتي، سنڌالاجي، سنڌي لئنگيوئيج اٿارٽي ۽ سگا جي سرواڻ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ کي عرض ڪندس ته ڊاڪٽر بلوچ صاحب کان سندن مڪمل بايوڊيٽا Resumeوٺي، نوبل پرائيز ۽ گنيز بوڪ لاءِ ٻاهر موڪلي وڃي.

مهان ذات ڏٺي

# سراج الحق ميمڻ

ادب ۾ اهڙو وقت به آيو آهي، جڏهن ادب کي "ادب جو ادب يا آرٽ لاءِ هئڻ" سمجهيو ويندو هو. ۽ پوءِ "ادب جو زندگيءَ لاءِ هئڻ" واري وصف عمل ۾ آئي، جيئن ته اهو اديب يا ادب جو سرجڻهار ئي آهي، جو ايندڙ حادثن، واقعن ۽ حالتن کان وقت جي حڪمرانن کان اڳ، آگاهي حاصل ڪندو آهي ۽ ائين ادب ذريعي، اديب سڦلي ۽ آزاد زندگي گذارڻ لاءِ قانون جوڙي، پنهنجن تخليقن تي عمل ڪرائڻ لاءِ ادب وقت جي حڪمرانن حوالي ڪندو آهي ته جئين غير ترقي يافته ملڪ يا قوم ترقي پذير منزل کي، ۽ پوءِ ترقي يافته منزل کي رسي، جنهن تي يورپ، آمريڪا ۽ ڪجهه ايشيائي ملڪ عمل ڪري چڪا آهن. ان ڪري اهڙين تبديلين کي سامهون رکندي، ايڪيهين صديءَ ۾ پهچڻ ڪانپوءِ، اسان ادب جي وصف هن طرح ڪري سگهون ٿا:.

ادب جو سماجي، سائنسي، فني، اصلاحي، معاشي ۽ سياسي انقلاب يا تبديلين لاءِ هئڻ" اها ٻي ڳالهه آهي ته اسانجا حڪمران پنهنجن نقيبن (رهنما - پيشوا) تي عمل نه ڪندا رهيا آهن، ۽ اسان غربت جي گهاٽي ۾ پيڙهبا رهيا آهيون.

سراج الحق ميمڻ، منهنجي ويچارن موجب اهو اديب، ڏاهو ۽ ذات ڏٺي آهي، جنهن ادب جي ايڪيهين صديءَ واري وصف موجب نه فقط ادب سرجيو آهي، پر هڪ ماهر، هڪ استاد بڻجي، نئين نسل جي رهنمائي به ڪئي آهي. شاعريءَ جي حوالي سان، شاهه، سچل ۽ ساميءَ کي هند ۽ سنڌ ۾ اساسي يا ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ٿمورتي ڪري مڃيو ويو آهي. اهڙي ئي طرح، سراج ميمڻ، آغا سليم ۽ امر جليل نثر نگاريءَ ۾ اسان جي ٿمورتي آهن.

1996ع يا 1997ع ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران، سراج الحق جي لکيل ناول "مرڻ مونسين آءُ" تي رمپا پلازا ۾ ورڪشاپ ٿي رهيو هو، ڪلفٽن کان گهٽ اڳتي، سمنڊ ڪناري مون شيخ اياز کي ٻڌايو، ته اڄ سراج صاحب جي ناول تي ورڪشاپ ٿي رهيو آهي، ان ڪري مونکي جلدي رمپا پلازا پهچڻو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن تي شيخ اياز چيو ته هو به ان ورڪشاپ ۾ شريڪ ٿيڻ چاهي ٿو. بس ائين اسان رمپا پلازا پهچي وياسون.

سراج الحق جي ناول شيخ اياز توڙي مونکي ادب جي نواڻ ۽ وڏن قدرن جي حوالي سان ايڏو ته متاثر ڪيو هو. جو اياز ڪيترن ئي موقعن تي ناول جي ادب جي مختلف پاسن جي حوالي سان، واکاڻ ڪندو رهيو هو.

1983 ۾ منهنجي پهرئين شعري مجموعي "جڏهن پونء بٽي" جو سگا پاران هوٽل هاليڊي ان ۾ تيوير عباسيءَ جي صدارت ۾ مهورت ٿي رهيو هو، جنهن ۾ خاص مهمان سراج الحق هو. ان موقعي تي سراج الحق منهنجي پهرئين شعري مجموعي بابت اجهو هن طرح چيو هو: آئون شاعريءَ بابت اڪثر ڪري حضرت روميءَ جي راءِ يعني "شاعري جز و است از پيغمبري" تي يقين رکندو هئس، پر هاڻي تاجل جي شاعري پڙهڻ کانپوءِ ان ۾ تبديلي آڻي هيئن چوڻ تي مجبور آهيان ته "پيغمبري جز و است از شاعري" سراج جا مٿيان ويچار، امان سانئڻ جي سرپرستي، ادب ۾ استاد حڪيم الله آندي جتوئيءَ جي رهنمائي، سائين بدرالدين زاهديءَ جون مهربانيون ۽ درگاهه پير حيات شاهه تي ڪافي ڪلام ٻڌڻ وارو ماحول، اڄ به مون لاءِ اتساهه جا وسيلا ثابت ٿي رهيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙ جو لاڪيئو شاعر

# مولانا حاجي احمد ملاح

مولانا حاجي احمد ملاح جا منهنجي ڄاڻ موجب هن وقت تائين پنج شعري مجموعا ڇپجي ظاهر ٿيا آهن، جي آهن:

(1) بياضِ احمد (2) گلزارِ احمد (3) گلشنِ احمد (4) هيڪڙائي حق ۽ (5) غزلياتِ احمد. 1978ع ۾ مولوي حاجي عبدالله جوڻيجي جي پڌرا ٿيءَ موجب ڇهون ڪتاب ڪلياتِ احمد ٻڌجي ٿو، جيڪو شاعر جي سيني ڪتابن جو گڏيل مجموعو سمجهڻ گهرجي. هيءَ ڪتاب منهنجي نظر مان نہ گذريو آهي، پر يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ مولوي حاجي عبدالله جوڻيجي ۽ مانواري عبدالجبار جوڻيجي جهڙن شائقن ۽ ادب نواز ڏاهن هن ڪلياتِ ڪي ڇپائي پڌرو ضرور ڪيو هوندو.

هيءَ هڪ مڃيل حقيقت آهي، تہ مولانا حاجي احمد ملاح لاڙ جو هڪ قداور عوامي شاعر ٿي گذريو آهي، جئين ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي ۽ محمد خان مجيدي. اسان چئي سگهون ٿا تہ مولانا حاجي احمد ملاح جون سنڌ جي ماڻهن، خاص ڪري لاڙيچن جي دلين تيِ ڇاپون لڳل آهن. اها مقبوليت ڪيس نہ رڳو لاڏاڻي ڪانپوءِ ملي، پر سندس جيئري ئي ڪيس نصيب ٿي.

مولانا جي شاعريءَ کي غور سان پڙهبو ۽ پرکبو تہ خبر پوندي، تہ هو ٽنئن طاقتن جو عاشق ٻڌجي، سامهون ايندو. جن مان ہہ طاقتون هڪ احد ۽ ٻيو احمد، آهن، ٻن جو تعلق اسانجي جنم ڀوميءَ سان آهي، جي آهن: سنڌ ملڪ، ۽ سنڌ واسي.

مولانا روميءَ جو هڪ شعر هن طرح آهي:

شاعري جزو است از پيغمبري،
جاهلانا ڪفر داند از خري.

معنيٰ: شاعري، پيغمبريءَ جو جزو آهي، جنهن کي جاهلن پنهنجي گڏ هيٺي ڪري ڪفر سمجهو آهي.

اهو ئي سبب آهي، جو اسانجي سدا ملوڪ شاعر نياز همايونيءَ لکيو آهي، تہ مولانا حاجي احمد ملاح جي شاعري سنڌي زبان ۾ پيغمبريءَ جو درجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڪيتي. هونءَ بہ شاعريءَ ۾ جيستائين سماجي ڪارج (Social Utility) ناهي، تيستائين اهڙي شاعري انساني وسنتين واهڻن يا سماج کان ڪوهين ڏور هجي ٿي. ان قسم جي شاعري ماڻهن لاءِ نہ، پر ڪنهن خلائي مخلوق لاءِ ٿي سگهي ٿي. مولانا جي شاعريءَ ۾ سماجي ڪارج ائين پريل آهي، جئين ماکيءَ جو شيشو بوچ تائين پريل هوندو آهي. ان ڪري سندس گهڻو ڪلام سنڌي سماج مان بدعت، برائي، پراڻين رسمن ۽ رواجن خلاف جنگ جو اعلان ٿو لڳي، تہ مٿان وري سندس شاعريءَ ۾ ڪتب آيل تجنيس حرفي ۽ جادو بياني بہ اهم تخليقي وٿون ثابت ٿيون آهن.

سنڌ ۾ نئون ڪعبو جوڙي، ڪيس طواف ڪرائڻ وارو مسئلو هجي، يا پنجاب ۾ نبيءَ سڳوري جي پيدائش جو اعلان هجي، مولانا حاجي احمد ملاح ان قسم جي هر محاذ تي هڪ سالار واري ڏک ڏيندي، نظر ٿو اچي.

ابوالحسن سنڌي پهريون عالم هو، جنهن 1700عيسوي ۾ قرآن پاڪ جو سنڌيءَ ۾ نثري ترجمو ڪيو هو. اهڙيءَ طرح مولانا حاجي احمد ملاح بہ پهريون شاعر هو، جنهن قرآن مجيد جو ويهين صديءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو، جنهن تي دنيا جي ڪهڙي بہ مسلڪ رکندڙ ڪنهن عالم اعتراض رڪارڊ نہ ڪرايو آهي. اهوئي سبب آهي، جو عرب سرڪار هن وقت تائين پنهنجي خرچ تي مولانا جي قرآن جون لکن جي تعداد ۾ ڪاپيون ڇپرائي، مفت ۾ ورهايون آهن.

ڪي شاعر خاڪي جسم جي فنا ڪانپوءِ ڪلاسيڪيت جي مرحلن مان گذري، ڪنهن مقام تي پهچندا آهن. مولانا حاجي احمد ملاح انهن سرجڻهارن مان هو، جي پنهنجي مقبوليت پنهنجن ڪنن ۽ اکين سان ٻڌي، ڏسي ويا.

اڄ تہ باغن ۾ بهاريون، واهہ قدرت رب ڪريم
واهہ گلزاريون گلن جون، واهہ گولون واهہ، گاهہ
واهہ ساوڪ، واهہ ساريون، واهہ، قدرت رب ڪريم

جرَ منجهان جيئرا بڻائي، ذات مان هر رات ڪئي،
صورتون سيئي سونهاريون، واهہ قدرت رب ڪريم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُنهنجي ڄاڻ مطابق موهن ڪلپنا جي ڇپايل ڪتابن جو تعداد پنجويهن کان گهٽ ناهي. 1991ع ۾ روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو طرفيان ڇپايل سندس جيوني "بک، عشق ۽ ادب" ۾موهن ڪلپنا جون سندس معاشي تنگدستي ۽ ڪٽين منين ڳالهين واريون سچايون پڙهي، جهڪي مون ڪيس سلام ڪيو هو.

1990ع ۾ پروفيسر رام پنجواڻي سينٽر ۾ انڊو - سنڌ مشاعري ۽ شاهه، سچل، سامي سيمينار جي موقعي تي بمبئي ۾ مون ڪيس پهريون دفعو ڏٺو هو. مانيءَ جي وقفي ۾ ٿالهيون هٿن ۾ جهلي، پاپڙ، چانور، تيوڻ، چٽڻي ۽ ڦلڪا ٿالهين ۾ وجهي، سينٽر جي ديوار تي ويهي اسان - مون ۽ موهن - منجهند جي ماني به کاڌي هئي ۽ ورهاڱي کانپوءِ جون اُورون به اوريون هيون. ماٺ ۾ رهڻ سان به لڳو هو ته هو ڳالهائي پيو. سندس چهري تي مرڪون ڊوڙي رهيون هيون، مونکي پاسيو هيو ته، چهري کي مرڪن سان سجائي، موهن پوءِ ئي گهران نڪتو هو. ڪاش، منهنجي يارت جي سفرنامي ۾ هڪ رانجهو لکان دي مٺ، عنوان هيٺ سندس باري ۾ ٿورو گهڻو لکيل پڙهي سگها ها. اڄ اسان وٽ نه هوندي به موهن موجود آهي. مان اسانجي ياڄائي ڪملا ۽ ڏيءَ گيتا سان سندن غم ۾ هڪ جيترو شريڪ آهيان. نه رڳو موهن ڪلپنا جي ڪٽنب سان پر هند جي ليکڪن، ليکڪائن، ڏاهن ۽ پارکن سان پڻ.

موهن ڪلپنا کي ياد ڪندي، اڄ سنڌ روئي، پئي ڪونڙيءَ به ڳوڙهن جي بارش سان ڪونڙي پل هينان درياهه جوڙي ڇڏيو آهي. الهاس نگر کان آڏيپور ۽ بمبئيءَ کان پنيور تائين ادبي حلقن ۾ واويلا آهي. موهن ڪلپنا جي وڇوڙي ڪري ستار جي تارن سرسوتيءَ جا هٿ زخمي ڪري وڌا آهن، نارد جي هٿن مان وِيڻا ڪري پئي آهي، شِو جي تنبوري جون تارُون ٽٽي پيون آهن ۽ ڪرشڻ مرليءَ کي ڀڃي ڀورا ڀورا ڪري ڇڏيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيتا سنڌو پٽوءُ جو سخي ڄام ڏاتار وڇڙي ويو

# دادا آر- جي آڏواڻي

ممبئيءَ مان هر آچر تي شايع ٿيندڙ سورنهن صفحن تي ڦهليل "هندواسي" اخبار جي 29 آگسٽ 1999ع شماري ۾ دادا آر جي آڏواڻيءَ جي لاڏاڻي جي خبر پڙهي، سر چڪرائجي ويو. ۽ 1990ع ۾ سندس ڇانوَ ۾ گهاريل گهڙيون ۽ پرهه جهڙا پل ياد اچڻ لڳا. جڏهن ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ثمورتي: شاهه، سچل، سامي سيمينار ۾ شريڪ تي، ممبئي ۽ الهاس نگر ۾ دادا آر جي آڏواڻيءَ جهڙي سخي مرد جي سخاوتن ۽ سندس ڳڻن پريون ڳالهيون وڃي ٻڌيون هيم. سچ پڇ، مونکي لس بيلي (بلوچستان) جو سخي ڄام سپڙ. ڪڇ جو سخي حاڪم جادم جکرو، ۽ عرب دنيا جو سخي حاتم ياد اچي ويا هئا. دادا مونکي جادم جکري جني لقبن جيئن تہ: اٻڙو وڏ وڙو، هالار- ڌڻي، ڏونگر راءِ، ڪڇ- ڌڻي، راهو، جکرو جس ڪرو، جي لائق نظر آيو هو. جنهن جکري لاءِ سهڻي لطيف سر بلاول ۾ هن طرح چيو آهي:

"جيهس ڪونہ جهان ۾، هند، سنڌ سورٺ هاڻ"

تن ڏينهن واري سيمينار ۾ دادا آر جي آڏواڻي هر بينڪ ۾ مونکي جسماني توڙي روحاني طور شامل اچڻ لڳو هو. ۽ پوءِ مون پنهنجي سفرنامي، "ڏور بہ اوڏا سپرين" ۾ هن طرح لکيو هو:

"جويل آف انڊيا ۽ سن اينڊ سئينڊ هوٽلن جي ست رڃي طعامن ۽ سوم رس جي ڍڪڻن اسانجي جسم ۾ ضرور رت- ڦڙا پيدا ڪيا هوندا. "جويل آف انڊيا" هوٽل ۾ مانواري آر جي آڏواڻيءَ اسانجي رات جي ماني موڪلائي هئي، جنهن ۾ سندس گهر جا ڀاتي ۽ اسان شريڪ ٿيا هئاسون."

سفرنامي ۾ دادا جو تعارف ڪرائيندي، مون لکيو هو: "آر جي آڏواڻي ڪراچيءَ جو رهواسي هو. ڪراچيءَ ۾ ٽاور ۽ ڪي پي ٽيءَ وچ تي جيڪو قمر هائوس آهي، سو سندن اڏايل آهي. وڻج واپار جي لحاظ ڪان آڏواڻي صاحب وڏو تجار ۽ ڌن دولت جو مالڪ آهي، جنهن جون هند ۽ آمريڪا ۾ واپار جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوئيون آهن. آڏواڻي صاحب مونکي هڪ الهراسي ۽ الهلوڪ شخص لڳو. پاڻ هن وقت پروفيسر رام پنجواڻي ٽرسٽ جو چيئرمين آهي."

"جوبل آف انڊيا" هوٽل ۾ چڱن خاصن اديبن فنڪارن، سيٺين ۽ ٻاهران آيل مهمانن کي رات جي ماني ۽ تي گهرايو ويو هو. پر دادا آر جي آڏواڻي هڪ ميزبان ۽ مهربان جي حيثيت ۾ شروع کان آخر تائين مونسان ٿي هڪ ميز تي ويٺو رهيو. جڏهن ته سندس ڪٽنب جا ڀاتي به شريڪ ٿيل هئا. پر پوءِ به سوم رس ڪانوني، ماني کائڻ تائين مونسان ٿي رهيو. ۽ ائين اسان پيئڻ، کائڻ سان گڏ ڪچهري به ڪئي.

ٽن ڏينهن جي ميڙاڪي ڪانپوءِ هوٽل مان لڏو پٽي، مونکي به طارق اشرف وانگر شهيد ڀڳت سنگهه روڊ تي گريٽ ويسٽرن بلڊنگ جي ٻيءَ منزل تي واقع مانواري هري موٽواڻيءَ جي گهر رهڻو هو. هوٽل مان سامان کڻي، مان جئين ئي هيٺ لٿس، ته دادا آر جي آڏواڻيءَ جي گهران فون آيو. ته دادا سنڌ جي روايتن موجب مونکي ڪجهه سوکڙيون ڏيڻ ٿو گهري، جنهن لاءِ مون کين ٻڌايو ته اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ دادا جون سونَ سريکي سوکڙيون مونکي هري موٽواڻيءَ جي گهر موڪليون وڃن، جي مونکي نه پهچايون ويون هيون. ۽ پوءِ شام جو مان سائين نارائڻ پارتيءَ سان گڏجي الهاس نگر روانو ٿي ويو هيس.

دادا آر جي آڏواڻيءَ جهڙا دانوير ۽ ڏاتار صدين جي سفر ۾ پيدا ٿيندا آهن. جيوَن جي هن پيچ پيچان ۾ سنڌس اصول هو: "ونڊ ورهاءِ، سک پاءِ" سندس هي به لفظ: "اڳتي وڌو، صدق رکو، سائين سڀ سولي ڪندو" جا ته عزم ۽ اعتماد جا مثالي ٿنڀا ۽ ٿوڻيون آهن.

سنڌ جي تاريخ ۾ ڪي اهڙا سخي ۽ مزماني ڪندڙ سنڌي به ٿي گذريا آهن، جن جي دسترخوان تي جڏهن ڪو هڪ به مهمان نه هوندو هو، ته هو، بنا کائڻ جي، بکئي پيٽ سمهي پوندا هئا. دادا آر جي آڏواڻي به اڳرين تي ڳڻڻ وارن اهڙن مزماني ڪندڙ ۽ دانويرن مان هيو، جو پاڻ کي پنهنجي سخاوت ۽ انسان دوستيءَ ڪري، هن توڙي هن جهان ۾ سرخرو ڪري ويو آهي، پر پوءِ به موت، موت آهي. اهو موت هلڪي ساک رکندڙ ماڻهوءَ جو هجي، توڙي ڪنهن داتا دانوير جو. پوءِ به ائين ضرور چئي سگهجي ٿو، ته ڪو موت، وڏو موت هجي ٿو. هند ۾ نارائڻ شيام، موهن ڪلپنا، رام پنجواڻي ۽ هاڻي دادا آر جي آڏواڻيءَ جو موت ويهين صديءَ جا وڏا موت آهن. ڇاڪاڻ ته هرڪو پنهنجي ذات ۽ ڏک ۾ فرد نه پر ادارو يا انجمن هو. اداري جي موت تي ڌرتي به ڏيڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳندي آهي، آسمان ۾ به ٽر ٽلو مچي ويندو آهي. اهڙو ئي موت هتي سنڌ ۾ پهريائين استاد بخاري، ۽ پوءِ شيخ اياز جو ٿيو هو، ۽ هاڻي تازو اسانجي برک شاعر، محقق ۽ ڏاهي، تنوير عباسيءَ جو ٿيو آهي، جڏهن سنڌ وارن کي ڦاهيءَ جا جهٽڪا محسوس ٿيا ها. موت کي ڏوراپي، يا ميارَ ڏيڻ ڪان، وڌيڪ ڪري به ڇا ٿو سگهجي!

موت، پويئي مارَ، مرين بنا موت جي،
ابد جي اوڙاهہ ۾، ٿو لوڙهين لک، هزار،
سالڪ، مالڪ، سوپيا، جوڌا ۽ جهونجهار،
ڪرين وينو ڪيترا، "بيوس" بي اختيار،
توبهہ، تابعدار! ڪر تہ ڪاٽيارو نہ ٿئين.

دادا جي قول ۽ ڪردار تي نظر ٿي وجهجي تہ پتو ٿو پوي تہ هو انساني بستين جو هڪ ديوتا هو، جو امرت جا ڍڪ پري، امرتا ماڻي ويو آهي. ڪلا ۽ ساهتيہ جي ڦهلاءَ ( Dissemination) لاءِ سندس خدمتون سنڌ، هند ۽ ٻاهرينءَ دنيا جا ايندڙ نسل بہ ياد ڪندي، مجتا ۾ سرخم ڪندا رهندا.

آخر ۾ شاهہ لطيف جي سر بلاول جون هيٺيون سٽون اسان دادا-آر جي آڏواڻيءَ کي پيٽا طور ارپيون ٿا:

جڳرو، جس ڪرو، پيا سڀ انيرا،
جيائين جڙيو جڳرو، تيائين نہ پيا؟
مٿي تنهن ماڳ، اصل هئي ايتري.

(جڳرو ئي جس جو لائق آهي، ۽ پيا انيراءِ وانگر فقط راجائون آهن (راجا انيراءِ جنهن بيجل کي لالچائي، راءِ ڏياچ جو سر وڍايو هو). جهڙيءَ طرح جڳرو جڙيو هو، تيئن پيا نہ جڙيا هئا، چاڪاڻ تہ ان هنڌ مٿي ئي ايتري هئي (جنهن مان جڳري کي جوڙيو ويو هو).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجب چون ٿا تہ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، امر جليل، يوسف ميمڻ ۽ ٻين لاش کي سنڌ ڪٽي اچڻ لاءِ سمورا انتظام بہ ڪري ڇڏيا ها.

اسان کي اهو بہ پڌڻ ۾ آيو آهي، تہ لاش جي وارثن جو اعتراض هيو تہ اسان لاش تہ ڏيون، پر سنڌ وارا لاش کي وجي پورينداا. اهڙي تصديق ڊاڪٽر قادر مگسيءَ وٽان بہ ڪئي ويئي آهي. جڏهن تہ وارثن ان جي ابتڙ پاڻ مڙهہ کي مٽيءَ حوالي ڪيو آهي.

قبر يا قبي پرست ٿيڻ اجايو سمجهيو ويندو آهي، . پر پوءِ بہ هڪ اهو "شاعر، ڏاهو ۽ محقق، جو جيئري ئي پنهنجن لکڻين ڪري، امرتا ٿو ماڻي، ان جي قبر يا آخري آرامگاهہ تحقيقي ۽ تخليقي اعتبار کان ايندڙ نسلن لاءِ هڪ علامت بڻجي وڃڻي هئي: هڪ تہ پليٽفارم ۽ سينگاريل اسٽيج هجي ها، جتي ملڪي ۽ غير ملڪي اڪابر ميڙاڪا مچائي، ان مهان هستيءَ جي زندگيءَ ۾ ڇڏيل ادبي ذخيرن مان لاڀ حاصل ڪن ها. ان ڪري اهڙين هستين جي قبر واري مٽي بہ ماناٽتي هجي ٿي، جيئن لطيف چيو آهي: "ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان" اڄ تنوير جي قبر تہ آهي پر پنهنجن سنڌ واسين کان هزارين ڪلوميٽر پري آهي. لڳي ٿو، ڇڻ ماناٽتي مڙهہ سان گڏ، تنوير عباسيءَ جي آخري آرامگاهہ کي بہ هائيجيڪ ڪيو ويو آهي. يا لاش کي جلاوطن ڪيو ويو آهي.

شاهہ، سچل، نانڪ ۽ خوش خير محمد جي حوالي سان تنوير عباسيءَ جو بہ قلمي پورهيو ڪيو آهي، ان کي هر دؤر ۾ پڙهيو ۽ پرجهيو ويندو، هن ڪم ۽ ڪارج ۾ اسان جي هڪ ٻئي ساٿي محمد علي حداد جو بہ واڪاڻ جوڳو عمل ۽ دخل رهيو آهي. جيڪو ڪجهہ وقت اڳ تنوير وانگي موت اسان کان کسي ويو آهي. ڏٺي، اسان مان ڪنهن کي سگهہ ڏئي، جو سچل سرمست تي ٿيل ڪوجنا وارو ڪم، جتي اسان چا بہ ساٿي ڇڏي ويا آهن، اتان شروعات ڪري، سچل جو ڪو مستند قلمي نسخو تيار ڪيون.

تنوير عباسي ستر واري ڏهاڪي ۾ جڏهن بہ ڪراچيءَ ايندو هو، تہ وقت ڪڍي مون وٽ ضرور اچي نڪندو هو. ان رات مان شمشيرالحيدري ۽ هدايت بلوچ کي بہ گهرائيندو هيس. شمشير پيار وچان، تنوير کي تنو مل ۽ تنوير موت ۾ شمشير کي شمون ۽ شمن گڏي سڏيندو هو. مان هڪ ٿهي تنوير کان ننڍو هئس، ۽ مون تي سندس ادبي احسان بہ هيا، ان ڪري مان ڪڏهن بہ ساڻس گستاخي نہ ڪئي. مون جڏهن تنوير عباسيءَ جو سفرنامو "ڏوري، ڏوري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيهہ" ۽ فقير محمد لاشاريءَ جو سفرنامو "سگهارو هماليہ ۽ هيٺا ماڻهو" پڙهيا هيا تہ انهن ۾ ايڏي تہ دل لڀائيندڙ معلومات ۽ تخليقي شيرٽي هئي، جو پڙهڻدي پڙهندي منهنجي جسم جا وار ڪانڊارجي ويندا هئا. اسان جي سنڌي شاعريءَ ۾ قطعي جي سدا ملوڪ شاهوڪار شاعر اميد خيرپوريءَ پنهنجن ويچارن "تنوير جو موت، هن جهان جو موت آهي" ۾ ڏاڍايون متاهيون ڳالهيون لکيون آهن. هو لکي ٿو:

(1) جيڪڏهن تنوير بہ ، سان ڪي اهڙو بڌائي ها تہ مان ويسن، تہ مؤننڊس ٿي نہ، تہ اسان تنوير جي وڃڻ جا سيئي رستا روڪي ڇڏيون ها.

(2) مون کان جيڪڏهن ڪو پڇي تہ ادب ۽ سخن جي معنيٰ ڇا آهي تہ مان جواب ۾ چوندس: "تنوير عباسي."

بيشڪ پياري اميد سچ ٿي سچ لکيو آهي، ڏٺي ڪيس صحتياب ڪري، ۽ هو محفل جو مور بڻجي اسان وچ ۾ ويٺو نظر اچي! تنوير عباسيءَ سان سچي سنڌ پيار ڪندي هئي، ۽ سندس لاڏاڻي ڪانپوءِ بہ سنڌي قوم متس عقيدت جا گل نڇاور ڪندي رهندي. پياري مختيار ملڪ جي سرواڻيءَ ۾ پيش قمر تنوير جي رهائشگاهہ "سرمد هائوس" ۾ وڇايل تڏي تي اوچنگارون ڏيئي رئندڙ يارڙن ثابت ڪيو آهي، تہ پوري سنڌي قوم جي اندر جي ديوارن تي تنوير جي تصويرن جا فريم سجايل اهن. اها بہ ڳالهہ آهي تہ ٿيون ڏينهن جيئي سنڌ قومي محاذ پاران خيرپور ۾ تنوير عباسيءَ جي ياد ۾ ٿيل رفرنس جي موقعي تي بڌايو ويو تہ تنوير جن دوستن تي وري وري احسان ڪيا. سندس زندگيءَ ۾ جيڪي تنوير جا وڏا شائق رهيا. اهي بہ ڏوڪڙ خرچ ڪري اسلام آباد پهچي، سندس کلهي ڪانڌي بہ نہ ٿيا. جنهن تي مون کين چيو تہ ٿي سگهي ٿو تہ اهي يارڙا تنوير جي لاش کي سنڌ آڻڻ جو انتظار ڪندي رهجي ويا هجن.

تنهن ڏينهن ڪامريڊ جام ساقي ۽ سندس دوست حيدرآباد کان تنوير جي عذرخواهيءَ لاءِ "سرمد هائوس" آيا هئا "سرمد هائوس" بند هئڻ ڪري، يارڙن واهہ جي ڪپ تي واقع "صحافت هائوس" پهچي مون سان ۽ پياءُ منصور ميراڻيءَ سان تنوير جون ساروڻيون تازيون ڪيون هيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٿي ماڻ ٿور ڪُهنو ٿور ڦليو ويو آهياڻ

# فقير محمد لاشاري

فقير محمد لاشاريءَ جو ڳوٺ ڳاجي ڪهاوڙ لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن جي اولهائين ڪاڇي واريءَ پٽيءَ ۾ اچي ٿو. فقير جو لاش جڏهن راولپنڊيءَ آندو ويو هو، تڏهن مان اسلام آباد ۾ هيس. جيون ساٿياڻيءَ کي ساڻ ڪري، مون ٻن لاشن پرسان جڏهن فقير جو رتائون لاش ڏٺو هو، تڏهن اسان اوڇنگارون ڏيئي رنا ته هئاسون، پر مون محسوس ڪيو هو، ڄڻ ڪاڇي جي ڌرتي ڌٻڻ لڳي هئي. ان ڪيفيت ۾، مون شاهه جا هينيان ٻه شعر پڙهيا هئا:

ڪاڇي پيئي ڪوڪ، سڄ ڪِ سنگهارن لڌيو؟
مادر! اوءِ ملوڪ، اٿي ويا اُڪري.

ڪندا! تو وٿان، سڄ ڪِ سيٽن لڌيو؟
مچر تو مٿان ڇٽيو پون، ڇڱا ڪيو.

مون ڪافي ڪوشش ڪئي هئي، ته جنهن جهاز ۾فقير جو لاش مهين جي ڊڙي نيو ٿي ويو، ان ئي جهاز ۾ سيٽ ملي ته مان به وڃي دفن ڪفن جي رسمن ۾ شريڪ ٿيان، پر ائين نه ٿي سگهيو هو. ان ڪري دفن ڪفن وقت ڳاجي ڪهاوڙ ۾، غير حاضريءَ وارا ڳناهه بخشائڻ لاءِ 30 جولاءِ جمعي ڏينهن ٿي سندس خيرات جي مانيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ شام جي ٽين وڳي واري جهاز ذريعي مان اسلام آباد کان سکر روانو ٿيو هئس. جهاز جي اڏام کي اجا ڏهه منٽ کن مس گذريا هئا، جو جهاز جي هڪ انجڻ بند ٿي وئي. انجڻ جي بند ٿيڻ سان جهاز جي اوچي توڏي تي مسافرن جو ساهه مٺ ۾ اچي ويو. ڪپتان جهاز کي ڪافي هيٺ لاهي آيو. شايد ان ڪري ته زمين ويجهي هجي، مَن ڪي مسافر بچي پون! مون سمجهيو ته فقير سان جلدي ملڻ لا فقير جو پيغام آيو آهي. فقير بهشت ۾، ۽ مان دوزخ ۾ ٿي سهي، گهٽ ۾ گهٽ دريءَ کان ديدارڙو ته ڪبو پيو. مَن کو وجهه ملي وڃي ۽ بهشت – دوزخ جي داروغن کان اک بچائي فقير کي سنڌ موٽائي اچان! ڳالهه ٿي ڪيم جهاز جي ڪيتن مٿان اڏامڻ جي. اسان ڪپتان جي هنگامي اعلان جي اوسيئڙي ۾ هياسون، جو جهاز لاهور جي هوائي اڏي تي اچي لٿو، ڄڻ ڦهڪو اچي ڪيائين. موت جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جو وڏو پايو ۽ سالڪ شاعر

# نياز همايوني

تازو 3 جنوري 2003ع تي دل جي دؤري پوڻ سبب اسان جو برک شاعر، محقق يوناني ويج، فارسيءَ جو ماهر ۽ ڏاهو نياز همايوني لاڏاڻو ڪري، هڪ اهڙي سفر سڌاڻو، جتان ڪوبه واپس نه وري سگهيو آهي. هو هڪ اعليٰ مزاحمتي شاعر هجڻ سان گڏ، فارسيءَ جو عالم به هو. جنهن جي ترجمي ٿيل ڪتابن ۾ تاريخ جا به ڪتاب "تاريخ مظهرشاهجهاني" ۽ "تاريخ طاهري" به سنڌي ٻوليءَ جو هڪ لازوال سرمايو آهن. منهنجي ڄاڻ موجب، سندس به شعري مجموعا "ڌرتيءَ جا گيت" ۽ "ساٿيهه ۽ سک" به اسان جي لائبريرين جي سونهن بڻيل آهن.

منهنجي دعا سلام ۽ ساڻس پاڻهن ٻڌڻ جي واٽ سٺ واري ڏهاڪي ۾ خيرپور ميرس ۾ منهنجي ڳوٺائي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي گهر تي هئي، جتي ڪڏهن ڪڏهن نياز همايوني، رشيد ڀٽي، عطا محمد حامي ۽ عبدالڪريم گدائي ايندا هئا. سچل سرمست جي ميلي جي موقعي تي مشاعرن ۾ ته ملاقاتون ٿينديون ئي ٿينديون هيون. شعر ۽ سخن جا هي چار ئي وڏا اسان کان جدا ٿي چڪا آهن. هي اهو زمانو هو، جڏهن تنوير عباسيءَ مونکان منهنجا شعر وٺي "نئين زندگي" رسالي ۾ ڇپجڻ لاءِ عبدالواحد سنڌي ۽ شمشيرالحيدريءَ ڏانهن موڪليا هئا.

جڏهن سرڪار بهادر سائين جي ايم سيد تي ڏاڍ ۽ ڏمر وڌائي ڇڏيو هو، تڏهن سائينءَ "بزمِ صوفياءِ سنڌ" قائم ڪري، ادبي محفلن ۽ مشاعرن ذريعي، سنڌ کي آزاد ڪرائڻ جا پنهنجا پيغام ۽ حڪمت عمليون هن بزم جي پليٽفارم تان ڏيڻ شروع ڪيون هيون. هن ڏس ۾ هن قسم جي هڪ محفل ڪوٽ بنگلي پرسان ٽڪريءَ تي قائم ڪيل درگاهه اين شاهه تي ڪوٺائي وئي هئي، جنهن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تنوير عباسيءَ مون تي وڏ ۾ وڏ زور رکيو هو. زور ان ڪري جو مون لاءِ اهو پهريون موقعو هو جو ڪنهن مشاعري ۾ مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شريڪ ٿيٺو هيس ڇاڪاڻ تہ خوف ۽ ڏڙڪ ٿي رهي هئي، تہ مان شعر پڙهي بہ سگهندس، الاٿي نہ! هن مشاعري ۾ نياز همايوني، عبدالڪريم گدائي، ڪامريڊ برڪت علي آزاد ۽ پيا بہ ڪيترائي جهونا شاعر ۽ ڏاها اچي گڏ ٿيا هيا. منهنجو شعر سچو سنڌ ۽ سنڌ جي آزاديءَ بابت هو. ايترو تہ داد مليو هو، جو مونکي خبر نہ ٿي پئي، تہ ماڻهن، خاص ڪري سن جي سائينءَ جي مقرر، مقرر چوڻ تي مونکي ڇا ڪرڻو هو. بس، مون بہ هٿ ۽ آڱريون ٿي لوڏيون. مان جڏهن اسٽيج تان لٿو هيس، تہ محفل جي صدر سائين جي ايم سيد اٿي بيهي مونکي ڳلي لاتو هو ۽ نياز همايونيءَ منهنجي بي نيازيءَ ۽ لاأپاليءَ تي مونکي چڱو خاصو چيڙايو هو.

نياز همايوني جڏهن سکر کان حيدرآباد لڏي آيو هو، تہ اتي بہ مان وٽس وڃي رهندو هيس. سنڌس گهر شوقينٽين جي بازار جي پرسان هئڻ ڪري، ان بازار مان ضرور گذرڻو پوندو هو. هڪ ڏينهن جو واقعو هن طرح آهي، جو مون هڪ پاڳن پريءَ کي گراهڪ سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي ٻڌي ورتو، بس پوءِ تہ مون تي ايڏي غيرت سوار ٿي وئي، جو ان مائيءَ جي در وٽ وڃي ڪيس هبي تبي ڪرڻ لڳس، تہ تون سنڌياڻي ٿي ڪري، هتي ڇو اچي ويٺي آهين؟ مائيءَ جڏهن چيو تہ هوءَ سنڌ جي نہ، پر ڪڇ پيچ جي آهي. تڏهن وڃي منهنجي گرمي جهڪي ٿي. ان سڄي تماشي ۾، اسان جو نياز همايوني مونکي سمجهائيندو ۽ ٺهڪ ڏيندو رهيو هو.

مان ڪيترن ئي مشاعرن ۾ نياز همايونيءَ کي ڏٺو، ٻڌو ۽ ساڻس ڪچهريون ڪيون. سنڌ ۾ سنڌيت بابت شعر چوڻ لاءِ مونکي جن اتساهيو هو، انهن ۾ جنهن ترنم ۽ انداز سان نياز همايوني شعر پيش ڪندو هو، اهو ڍنگ ۽ رنگ ڪنهن ٻئي شاعر ۾ اجان سوڌو پيدا نہ ٿي سگهيو آهي. هو جڏهن چوندو هو، تہ اي سنڌ امان! مان پلي تہ ڌاڪو ۽ چور ٿيان، پر تنهنجو غدار نہ ٿيان، يا ترنم ۾ هيءَ غزل چوندو هو: "جڏهن بہ سچ ۽ سونهن پڪاريو، اسان جلال ۾ آياسين جنم، جنم ۾ جوڳي ٻڄي جهنگ سيال ۾ آياسين"، تڏهن سنڌس مٺڙ آلاپ سانوٽيءَ واري پوڙ پوڙان لائي ڏيندا هئا.

نياز همايونيءَ سان ڪيل هڪ وڏي ڪچهري بہ مونکي ياد آهي، جڏهن اسان تنوير عباسيءَ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ بسنت هال، حيدرآباد آيا هئاسون، جتي پهريون دفعو مون "سانگهڙ" ناول جي سرجٺهار محمد عثمان ڏيپلائيءَ کي ڏٺو، جو ڪنهن هڪ هنڌ بيهي پليٽ ۾ ڪجهہ وجهي کائڻ

بدران، هٿ سان ڪٽو ڪٽو چڪنڊيَ ٿي وتيو هو. جنهن تي تنوير عباسيءَ، ’نياز همايوني ۽ اسان جڳو خاصو ڪليا هئاسون.

نياز همايونيءَ سان، منهنجي آخري ملاقات سندس لاڏاڻي ڪان ڪجهه مهينا اڳ، سنڌوءَ ڪناري حسين آباد (حيدرآباد) جي هڪ پارڪ ۾ ٿي هئي، جتي هو پنهنجي ننڍڙي پٽ کي ڪيڏائي رهيو هو. ۽ مان آل سنڌ ترقي پسند ملاح تنظيم جي چيئرمين ۽ اسان سمن، تماچيٖن، ڏماچن ۽ ملاحن جي پڳدار محمد عارب ملاح سان گڏ، اتان لانگهائو ٿيو هيس. ڏٺي، شال! ڪيس سنڌ ساٽيهه جي حصي ۾ آيل جنت ۾ شاهه ڀٽائي، شيخ اياز، استاد بخاري ۽ نارائڻ شيام سان ڪچهريون ڪرائي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي ڪونج

# زرينه بلوچ

مان پيڻ زرينه بلوچ جا لوڪ گيت ۽ ڪافيون ان وقت بہ ٻڌندو هيس، جڏهن ريڊيو ڪچ ۾ ڪٽي، هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ، يا پنهنجي ڳوٺ درگاهہ پير حيات شاهہ کان ٻنين ڏانهن رخ ڪندو هيس ۽ هاڻي بہ زرينه بلوچ کي وڏي ذوق سان ٻڌندو آهيان. سنديس ڳاتل مذر گيت شام ويلي چڙين جي سرتار تي ڏنارن کان ڳائيندي اڳ بہ ٻڌندو هيس ۽ هاڻي بہ ٻڌي وڻندو آهيان. ڪو وقت اهڙو بہ هو، جو اسان پاڻ بہ ڪن تي هٿ رکي، جن فنڪارن ۽ فنڪارائن جا مشهور گيت ڳائيندا هئاسون، انهن ۾ زرينه بلوچ بہ شال هوندي هئي.

ڪنهن بہ راڳيءَ تي ڳالهائڻ يا لکڻ کان اڳ، منهنجي ذهن ۾ فن ۽ فنڪار بابت ڪيئي سوال ۽ ويچار پيدا ٿيندا آهن. ان فنڪار جي ماضيءَ کان حال تائين واري فن ۾، نرڙ تي هٿ رکي جهاتيءَ پائڻ جي آس پيدا ٿيندي آهي، جنهن ڪري فنڪارن يا ڳائڻن جون هيٺيون حدبنديون مقرر ڪندو آهيان:

(1) فنڪار جو ڪلاسيڪي هئڻ

(2) فنڪار جو ڪلاسيڪي ۽ نيم ڪلاسيڪي هئڻ

(3) فنڪار جو نيم ڪلاسيڪي هئڻ

(4) فنڪار جو نيم ڪلاسيڪي ۽ سڌو سنئون ڳائڻ

(5) فنڪار جو سڌو سنئون يا هلڪو ڦلڪو ڳائڻ

الهڏنو نوناري، استاد منظور علي خان ۽ گلزار علي ڪلاسيڪي موسيقي جا نادر مثال آهن. نيم ڪلاسيڪي ڳائڻ جا نالا وٺڻ سان استاد محمد جمن، عابده پروين، محمد يوسف، برڪت پٽ ۽ وحيد علي سامهون اچيو وڃن. سڌي سنئين يا هلڪي ڦلڪي سنڌي ڳائڻ ۾ استاد محمد ابراهيم، ڀڳت موهن لال، نارو ڀڳت، ڊول فقير سينگار علي سليم، فقير امير بخش، زيب النساءَ، رسول بخش پٽ، روبينه ۽ زرينه بلوچ جا نالا قابل ذڪر هجن ٿا .

اسان وٽ قوميءَ ۾ لوڪ گيت اهڙا وڙ ۽ ورجيسون آهن، جن کي ٻڌندي، ڪڏهن ڪڏهن هرويرون بہ وهوا نڪري ويندي آهي. پوءِ ڀلي تہ راڳ يا فن ۾ دم نہ بہ هجي، اسان کي ڏسٽو اهو آهي تہ اسان جنهن فن تي تاڙيون تا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃايون. ڇا ان مان ڪو سماجي يا ڪو قومي ڪارج سرجي ٿو. يا رڳو هش ۾ خوش آهيون، جيڪو وقت پيا وڃايون. جا نعريبازي پيا ڪيوڻ. ان سان اسان جو ڪو مسئلو به حل ٿئي ٿو. يا پاٽيءَ ۾ لٺيون پيا هڻون! فنڪار جي فن ڪي پرکيندي، اسان کي اهو به ڏسڻو آهي، ته فنڪار قومي ۽ لوڪ گيتن سان گڏ، راڳ جا پيا وڙ به ساڳي خوبيءَ سان ڳائي، داد وٺي ٿو. ماڻهو جهومن ٿا، تاڙيون وڄائي ڪارج يا سڦلتا حاصل ڪن ٿا يا هڪ، هڪ تي اٽندا، تا وڃن.

متي ذڪر ڪيل خوبين ڪان وڌيڪ پارکوءَ کي هيءَ پرک به ڪرڻي آهي، ته فنڪار، جيڪو به اسان ٻڌندڙن کي پيغام ڏئي ٿو، ان پيغام کي پاڻ به سمجهڻ جو شعور يا سگهه رکي ٿو يا ميان مٺوءَ وارو ڪو چڪر آهي.

متين حقيقتن ۽ راڳ جي رمزن کي ذهن ۾ رکي اسان جيڪڏهن پيڻ زرينہ بلوچ جي فن جي ويڙهڪ ڪنداسون، ته پتو پوندو ته زرينہ ڪوڙ ساترين خوبين جي مالڪياڻي آهي. هوءَ فن ۾ برابر ياڳياڻي ۽ ياڳوند فنڪاره آهي. هونءَ به اسان جڏهن زرينہ جي ماضيءَ تي نظر وجهنداسون ته، خبر پوندي، ته زرينہ قومي تحريڪن ۾ سرواڻ رهي آهي، جنهن کي هر وقت سڄاڻ ۽ باصلاحيت سنڌياڻي چيو ويو آهي. مجڻو ٿو پوي ته زرينہ تحريڪن جي قدرن ۽ اهميت کي سمجهڻ جو اوتروئي شعور رکندڙ آهي، جيترو شعور ڪو سڄاڻ اديب رکي ٿو. زرينہ ڪهاڻيڪار به آهي ته استاد سان گڏ، شاعره به آهي. اسان ته ائين به چونداسون، ته زرينہ بلوچ جي هيءَ به هڪ خوبي ئي آهي، جو هن اياز لطيف جهڙي سڄاڻ پٽ کي جنم ڏيئي، سنڌ جي گلدستي ۾ هڪ گل جو اضافو ڪيو آهي. انسان جي ڳلي ۾ ٻاويهہ (22) تارون ٿين ٿيون. جن کي موسيقيءَ جي حوالي سان هندي زبان ۾ سرتيون چئبو آهي. هنن تارن مان هوا ۽ چرپر جي اصول تي ست سر نڪرن ٿا، جن کي موسيقيءَ ۾ کرج، ريکپ، گنڌار، مڌم، پنجم، ديوت ۽ نکاد چئبو آهي. پيڻ زرينہ جي ڳلي جي سرتين ۾ جا مڌرتا موجود آهي، ان جو ئي نالو سنگيت آهي.

منهنجي سامهون دادو ضلعي جو هڪ سڄاڻ قومي ڪارڪن ۽ سماجي اڳواڻ ويٺو آهي. جو هن وقت اسلام آباد ۾ نوڪري ڪندو آهي، زرينہ تي ڳالهائيندي دوست چوي ٿو، ته زرينہ بلوچ جهڙيون سريليون فنڪارائون ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿينديون آهن. لوڪ ۽ قومي گيت ڳائي، داد وٺڻ زرينہ جي خاص سڃاڻپ ۽ مٿاهون تعارف آهي، ٻڌندڙن تي وجداني ڪيفيت طاري ڪري ڇڏڻ جو به هن ئي فنڪاره کي ڏانءُ ۽ ڏات آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان هن پارٽي کي ٻڌايان ٿو تہ جئين تہ زرينہ علم سيکاريندڙ استاد آهي، ڪيڏو نہ سٺو ٿئي ها، جيڪڏهن راڳداريءَ ۾ بہ زرينہ استاد هجي ها. ۽ پوءِ يمن پلاسي راڳ ڇيڙي آروهي ۽ امروهيءَ جا سر ڪتب آڻي، اسان کي ٻڌائڻ لڳي ها، تہ يمن پلاسي ڪافي ٺاٺ جو راڳ آهي، جو آروهيءَ ۾ اوڊو ۽ امروهيءَ ۾ سمپورڻ ٿيندو آهي. هن ۾ وادي سر مڌم ۽ سموادي کرج ٿيندو آهي.

پيڻ زرينہ هڪ استاد ڳائڻي جي حيثيت ۾ اسان کي اهو بہ ٻڌائڻ لڳي ها، تہ يمن پلاسيءَ جي لئي تين تال ۽ ڳائڻ جو وقت ٽيپهري هوندو آهي. ٻاجو وڄائي، زرينہ اسان کي ٻڌائي ها، تہ استائي ۽ انترا ڦلاٽي سر تان کڄي، ڦلاٽي سبتڪ جي ڦلاٽي سر تي وڃي ماٺا ٿيندا آهن ۽ ائين ئي راڳ جو پورو روپ نهي راس ٿئي ٿو، وغيره.

سيتا روڊ جو رهواسي قربان بلوچ ٻڌائيٿو، تہ جيجي زرينہ اسان کي اهو ڪجهہ ڏنو آهي جو پٺي پراٽو نہ ٿيندو، هائو، مان بہ مڃان ٿو، تہ سنڌ جي قومي گيتن واري تاريخ ۾ زرينہ بلوچ جو ذڪر پهرين بابن ۾ روپهري ۽ سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو.

اسان 1990ع ۾ شاهہ، سچل، سامي سيمينار ۽ انڊو-سنڌ مشاعري ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سائين ٺاڪر چاولا جي دعوت تي جڏهن ممبئي وياسون، تڏهن هر محفل ۾ پنهنجي فن سان زرينہ بلوچ هند جي هزارن سنڌين ۽ سنڌياڻين کي موهي وڌو هو. ياد رهي تہ راڳ ويراڳ جون محفلون بہ سيمينار ۽ مشاعري سان گڏ ٽي ڏينهن رچايون ويون هيون. اديبن ۽ فنڪارن جي هن وفد ۾ شيخ اياز، طارق اشرف، زرينہ بلوچ، استاد فيروز گل ۽ مان وڃي شريڪ ٿيا هياسون، اڄ بہ مان جڏهن ممبئي ۾ رچايل سنڌين جي محفلن جون وڊيو فلمون ڏسندو آهيان تہ دل جهومڻ سان گڏ اداس بہ ٿيڻ لڳندي آهي، جنهنجو ظاهري سبب شيخ اياز، طارق اشرف ۽ استاد فيروز گل جو اسان کان جدا ٿي وڃڻ جو سبب ٿي سگهي ٿو.

اميد آهي تہ زرينہ جو فني رشتو سنڌ جي ماضي سان ڳنڍير جي ڳنڍين جيان ڳنڍيل رهندو. ايندڙ نسل وارا سنڌس نغما ٻڌي سنڌس پانت پانت جا روپ ۽ مورتيون جوڙيندا. اڄو تہ زرينہ کي "سنڌ جي ڪونج" سڏي مستقبل قريب ۾ سنڌ جي ڪونج واري سوني تاج پارائڻ جو بہ انتظام ڪري وٺون. (هي ويچار اڄ کان ڏهاڪو سال اڳ هڪ پرڏيهي ادبي محفل ۾ مون پيش ڪيا هيا.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نجم نور جو هر گيت، هر ڪافي ڪنهن نہ ڪنهن ريڊيائي ڌن تان ڪنيل آهي، جنهن ۾ خيرپور ريڊيو اسٽيشن جو وڏو عمل دخل ٿو نظر اچي. اهو ئي سبب آهي، جو ڪنهن بہ صنف جي شعر ڪي علم عروض جي نہ ڪنهن بحر تيءَ پرکڻ جي ضرورت آهي، ۽ نہ چندودائي ماترائن جي ڪسوٽي ئي سامهون رکڻي ٿي پوي. ان ڏس ۾ نجم جي آواز جيءَ مڌرتا ۽ سحر انگيزيءَ جو بہ وڏو عمل دخل آهي، جنهن ڪري سندس گيت "مکڻ" ۽ آواز "ماکي" ٿيو پون.
اسانکي اهو بہ ميٺو ٿو پوي تہ نجم نور جي تخليقن ۾ روائتي شاعريءَ جون جهلڪون، سنديس مطالعي جي ساک ڀرين ٿيون.
نجم نور جي شاعريءَ ۾ سج پيچ جيرن جاڳندڙ ڳوناٽن ڪردارن جون تصويرون اُڪريل آهن، جيئن متي مون پاڳياٽي، ڳجر، مالهڻ ۽ سندن مکڻ جي چاڏين، انبن جي ٿارين ۽ پگهر-ڦڙن جو ذڪر ڪيو آهي. نجم پهريون دفعو جڏهن مونکي پنهنجو ڪلام جهونگاري ٻڌائي رهيو هئي، ان وقت شايد لاشعوري طور سنديس اندر مان ٽڏا چوڪارا پئي نڪتا، ائين، جيئن ٻرندڙ جبل مان "لاوو" نڪرندو آهي. شال، سنديس ذات ۾ ڏانو ڪي چار چنڊ لڳن، جيئن ڪوتا ديوي ڪائونس ايترو لکرائي، جو سنڌ-واسي چوڻ لڳن، تہ نجم نور سنڌوءَ جو روپ ڌاري، ٽيپت جي سنگي ڪباب (شيهن جو منهن) ۾ جنم وٺي، مانسرور ۾ ڪيلاش جا آبشار اوتي رهي آهي!.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيڻ ۽ ٻهڻ جي پوڻ ۽ لاڙڪاڻي ۾ جنم وٺندڙ

# هري موٽواڻي سنڌي

8 - اپريل 1999ع تي سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي شاخ طرفان سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي سهڪار سان ڀارت کان آيل اديب ڪونج رسالي جي ايڊيٽر هري موٽواڻي سنڌيءَ سان سڳا جي آڊيٽوريم (ڪراچي) ۾ شام رچائي ويئي هئي، جنهن ۾ منهنجن لفظن ۾ مهمان اديب جو ڪرايل تعارف هيٺ ڏجي ٿو:

”هري موٽواڻي سنڌيءَ جو جنم سال 1929ع ۾ سنڌ جي تاريخي ۽ رونقدار شهر لاڙڪاڻي جي نوان تڪ محلي ۾ ٿيو اهڙيءَ طرح اسانجو هري موٽواڻي سنڌي پنهنجي عمر جون ستر (70) بهارون ڏسي چڪو آهي.

هري موٽواڻي ملڪ جي هاڃيڪار ورهاڱي کان هڪ سال اڳ وڃي ڀارت جو شهر هردوار وسايو هو، ان ڪري هن لاڏاڻي وارا دل ڏاريندڙ مرڻ مارائڻ جا نظارا نہ ڏٺا هئا. هري اڄ بہ سنڌ جو رهواسي آهي، ڇاڪاڻ تہ هو ورهاڱي ڪري، ڀارت ناهي ويل.

ادبي دنيا ۾ پير پائڻ وقت هريءَ پاڻ لاءِ سنڌي تخلص چونڊيو، جنهن تخلص جي مٽي زميني ۽ جنم ڀوميءَ جي رشتي جي لحاظ کان، مان سمجهانٿو تہ ڪو ٻيو مٽ نٿو ٿي سگهي. حجائتا ۽ ويجهڙا اديب منڊ ۾ ڪيس تنگ ڪرڻ لاءِ چوندا هئا تہ هري مس وڃي ”سنڌي“ ٿيو آهي، جنهن تي هري موٽواڻيءَ جو جواب هوندو هو تہ جڏهن ڪو مسلمان حج ڪري ايندو آهي تہ ڪيس ”حاجي“ چيو ويندو آهي، ان ڪري مان بہ جڏهن سنڌ جي تيرٿ گاهہ جي زيارت ڪري ٿو اچان تہ ”سنڌي“ ٿو سڏايان.

هند جي قداور ترڪ ليکڪ وشنو ڀاٽيا سهڻن لفظن ۾ هري موٽواڻيءَ جي واکاڻ بہ ڪئي آهي، تہ ”ڪونج“ رسالي جي شروعاتي دور ۾ ڪيس (Angry



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

young man) ۾ اچوڪي دوَر ۾ ”Angry old man“ بہ سڏيو آهي، جنهن جو خاص ڪارڻ هري موٽواڻيءَ جي طبيعت يا مزاج ٿي ٿي سگهي ٿو.

هري موٽواڻي سنڌيءَ جي تخليق ڪيل ڪتابن جو هن طرح تفصيل آهي:

(الف) چار ناول: ابو، اِجهو، پاڻيارا پکي ۽ ٻاهر نڪرڻ جو رستو

(ب) پنج ڪهاڻين جا مجموعا: هڪ لهر، ڌرتي، خوددار، اڇا وار ڪارا پنوڙ ۽ آزاد فضا ۾.

(ت) جڙيل جن ساڻ جند (سنڌ جو سفرنامو)

ث) آخري پنا (آتم - ڪٿا)

ج) ڪوڙو سچ (ناول) ڇپائيءَ هيٺ

هري موٽواڻيءَ ۽ مون ۾ هڪ ڳالهہ مشترڪ آهي، جا آهي، هري موٽواڻيءَ جي ڪتابن جو تعداد ٻارنهن ۽ منهنجن ٻارن جو بہ تعداد ٻارنهن (12) هجڻ.

هريءَ جي آتم ڪٿا پڙهي ائين ٿو لڳي، ڄڻ هريءَ سان گڏ اها آتم ڪٿا سنڌي قوم ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي بہ آهي. هونءَ بہ هري پنهنجن لکڻين جي حوالي سان ”انا“ يا ”آنءُ پڻي“ جي خول ۾ ڪڏهن بہ بند نہ رهيو آهي. هند توڙي سنڌ ۾ جنهن تي بہ ڏاڍ ۽ ظلم ٿيو آهي: اهو ظلم ۽ ڏاڍ هري موٽواڻيءَ پاڻ تي ٿي سمجهيو آهي. اهوئي سبب آهي، جو جلاوطنيءَ ۾ هريءَ جي سنڌ سان پريت ۽ حب الوطني تہ جي مارئي جهڙي آهي.

هريءَ جي ادبي سفر ۾ هڏڪاڻ جي ڪٽ لڳايئي تہ هري موٽواڻي فرد جون منزلون طئي ڪري، هاڻي اداري (Institution) جي حيثيت ماڻي چڪو آهي. هن ڪونج ذريعي ڪيترن ئي نون ليکڪن ۽ ليکڪائن کي دريافت ڪري، روشنيءَ ۾ آندو آهي، ايتري قدر جو ڪن جهونن اديبن کي بہ اهڙيءَ تہ عمدي رٿابنديءَ (Projection) سان ڇاپيو اٿائين، جو ادب جي دنيا ۾ هن وقت اهي اديب امرتا ماڻي چڪا آهن.

1986ع ۾ هري جڏهن سنڌ - ياترا تي آيو هو، تہ هن طرح سنڌ - ماتا سان عقيدت جو اظهار ڪيو هيائين:

”چاليهن سالن جو اوجاڳو آهي. هاڻ سنڌ - ماتا وٽ آيو آهيان، چاهيانٿو تہ ستو پيو هجان.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن پبلشرن وانگر هري موتواڻي هند ۾ فليٽ ۽ بنگلا تہ نہ جوڙايا آهن، پر ان جي ابتڙ سنڌس پناڙن تي اخبارن، ڪاغذن ۽ ڪونج رسالي جا بنڊل ئي پئي ڏٺا ويا آهن، جن کي هري پنهنجي حقيقي جائداد ڄاڻايو آهي. واقع اهي هٿ حقيقي جائداد ۽ ملڪيت جا مالڪ آهن، جن هٿن علم ۽ شعور جون مشعلون ٻاري، دليون روشن پئي ڪيون آهن. هري موتواڻيءَ جي اهڙن هٿن کي ڏسي، هينئن ئي چئي سگھجي ٿو:" اهي هٿ، جي ڪنهن جي ڪم اچن، يا ڪنهن جي مدد ڪن، اهي هٿ انهن چپن کان وڌيڪ مقدس آهن، جي عبادت ڪن ٿا."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي راڳ جي موتين مالها جو املهه داڻو

# ڏول فقير

موسيقي يا راڳداريءَ کي روح جي غذا چيو ويو آهي، جنهن جي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ سان، تن من ۾ تازگي ۽ سرور پيدا ٿئي ٿو. رقص ۽ راڳ، ساز ۽ سرود سنڌ جي ماڻهن جي رڳ، رڳ ۾ رچيل ۽ سمايل آهن. قديم سنڌ ڪانوني، هن وقت تائين راڳ ويراڳ زندگيءَ ۽ جياپي لاءِ ائين رهيو آهي، جئين ماڻهن، پکين ۽ پسن لاءِ هوا، ٻاهه، پاڻي ۽ مٽيءَ جي زرخيزي.

دنيا جي ڪن مذهبن ۽ گروهن موسيقيءَ کي عبادت جو درجو ڏنو آهي. شاعر ڀڄن جوڙين ٿا، ۽ فنڪار رام، لڇمڻ، راڌا، ڪرشن ۽ سيتا جي شان ۾ اهڙا ڀڄن ڳائن ٿا. ڪيترا مسلمان به قوالين کان حمد ۽ نعتون ڳارائي عقيدت جو اظهار ڪندا آهن. صوفي به تصوف ۽ ويدانتي مسلڪ جو ساز ۽ آواز ۾ پرچار ڪندا آهن.

موسيقيءَ جي تاريخ ۾، اهڙو زمانو به ٿي گذريو آهي، جڏهن يوناني حڪيم يا ويڄ کي سند (Certificate) حاصل ڪرڻ لاءِ، ٻين پرچن سان گڏ، موسيقيءَ جو پرچو به پاس ڪرڻو پوندو هو. ويدن جا منتر به موسيقيءَ تي جڙيل آهن. رامائڻ جي دور ۾، قصن ۽ ڪهاڻين کي راڳن ۾ ڳائي ڳايو ويندو هو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي عوامي زبان ۾ شاعري ڪري، ڪيترن داستانن جا نالا راڳن مان ورتا هئا، جئين ته سهڻي، سورٺ، ڪيڏارو، سارنگ، ڪنڀات ۽ پرڀاتي ۽ ائين سنڌي موسيقيءَ کي سنڌ وانگر، زنده جاويد ڪري ويو آهي. نه رڳو ايترو، پر لطيف هندوستان جي به ڪيترن ئي راڳن جا نالا پنهنجن داستانن تي رکيا آهن، جئين ته: ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ، بلاول، ديسي ۽ ڪاموڏ.

تاريخ اهو به ٻڌائيٿي، ته لطيف راڳن ۽ داستانن جي ترتيب ۽ نالن رکڻ جي مدد هندوستان جي ٻن پائر گوين اٽل ۽ چئنچل کان ورتي هئي. ٿي سگهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چـرن چنـدن چوٽيـــون، موڙيـــن مينــديءَ ڏار،
جنهن جا پيين پار، سو تہ ساٽ سويرو لنگهيـو.

ڪافي:

عمر مون نہ ٿا وسرن، ويڙهيچن جا واڙا،
پيچيِ پور ٿيندئي، ڪنجون ڪرف تاڙا
(حاجي شاهہ)

ڏوهڙو:

ٿر ونو تاڏل تي، ونا مينهن ڳڙاَ،
پوياڙيءَ جو پٽن تي، چونگارين چڙا،
قادر! پيچ ڪڙا، تہ ملان ماروئڙن کي.

متين ٻن ڪافين، ڏوهڙن، يڪتاري ۽ ڍولڪ جو سنگم، اسان کي پيٽ شاهہ پهچائي ٿو ڇڏي، جتي لڳي ٿو، ڄڻ لطيف ڪبڙ هيٺان فقيرن جي وچ ۾ وچايل رلهيءَ تي ويٺو آهي، ۽ ڍول فقير سنڌس ڪلام ڳائي رهيو آهي، خاص ڪري، ڪافيءَ جي هر مصرع ۾ ”ڪڪا اٽ ڪيچين جا“.ڏوهڙي سان شروع ڪرڻ وارو تسلس مجرائي ٿو، تہ برابر موسيقي روح جي غذا آهي. ڍول فقير جهڙا فنڪار، ڪڏهن بہ ناهن مرندا، پر هو مرڻ کي مات ڪرائي، پاڻ ”امرتا“ جو درجو ماڻي وٺندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڪامل ڪلاڪار ۽ اعليٰ اديب

# گوبند مالهي

گوبند مالهيءَ پنجويهہ ناول لکيا، جن مان مکيہ ناول آنسون، پيار جي پياس، ڏيهي پرڏيهي، ديسي سيڻ ڪجن، شرم ہوتي، پکيئڙا ولر کان وڇڙيا، چيا وجن تا. کيس ”پيار جي پياس“ ناول تي ساهتيہ اڪيڊميءَ جو ايوارڊ مليو هو. مالهيءَ جي ناولن ۾ اسانکي سنڌ، سنڌيت ۽ سنڌين جا نج ڪردار ملن ٿا.

هن ”سنڌوءَ جي ڪناري“ فلم بہ ٺاهي هئي. کيس ڪلاڪار منڊل جو جنم داتا، ۽ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي بہ جنم داتائن ۾ شمار ڪيو ٿو وڃي. مالهيءَ کي هڪ هيءُ بہ اعزاز حاصل آهي، جو کيس ترقي پسند دؤر جي ٿمورتيءَ ۾ شامل ڪيو ويندو آهي، جي آهن: ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي ۽ اي جي اتم.

گوبند مالهيءَ نہ رڳو ناول نويس هو، پر هو هڪ اعليٰ ڪهاڻيڪار بہ هو. ڀارت جي برک محقق ۽ اديب سائين هولارام جي ڏنل واقفيت موجب گوبند چاليهن کان مٿي ڪهاڻيون بہ لکيون. ڪتاب ”سنڌي ناول ۾ مالهيءَ جي يگاني دين“ ۾ هن صاحب ڄاڻايو آهي، تہ گوبند مالهي هڪ ڪامل ڪلاڪار ۽ اعليٰ اديب آهي، جنهن پنجٽيهن کان مٿي ناٽڪ بہ لکيا. ”گستاخي معاف“ ۽ ”گهوٽ ڪنوار“ مالهيءَ جي ناٽڪن جا مجموعا آهن. سنڌس ٿي لفظن ۾ تہ هيءُ صاحب هڪ باغي ليکڪ آهي، جنهن کي ڏسڻ سان ائين لڳندو آهي، ڄڻ هوسنڌ ديس جي صديون پراڻي مٽي آهي، ۽ ناولن پڙهڻ سان لڳندو آهي تہ ڄڻ هر صفحي تي شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جا خيال ائين پکڙيل آهن، ڄڻ ڪنهن خماريل مستيءَ جي عالم ۾ رنگن جا ڪيئي ديا پنهنجي اردگرد هاري ڇڏيا آهن.

سائين هنس هنن طرح بہ لکيو آهي، تہ مالهيءَ جون جڙون سنڌس جنم ڀوميءَ ۾ هيون، سنڌس فڪر ۾ گهرائي ۽ اڏام هئي، عالمگير ۽ آفاقي جذبا ۽ سنڌس مطالعو ۽ مشاهدو وسيع هئڻ ڪري ئي کيس ”ناول سمراٽ“ چيو ٿو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شري ٺاڪر چاولا پاران ممبئيءَ مان نڪرندڙ تماهي مئگزين "سپون" جي جنوري، فيبروري، مارچ 2001ع ۾ ڇاپيل معلومات موجب سرڳواسي گوبند مالهي ڏهن ادبي ۽ ثقافتي سنتائن يا جماعتن جو باني هو. ۽ کيس اڻ ڳڻيا ايوارڊ مليا هئا.

ادب ۽ اديب جي نالي سان گوبند مالهيءَ جي پنجن پاڳن تي مشتمل آتم ڪٿا ڇپيل آهي، جا1987ع ۾ ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون آتم ڪهاڻيءَ کان الڳ آتم ڪهاڻي آهي.

گوبند مالهي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي آتم ڪهاڻين جا پنج پاڱا اسان لاءِ بي مثال آتم ڪهاڻين جا نمونا آهن، جي زندگيءَ جي قدم، قدم تي اسانجي رهبري ٿا ڪن: تہ ادب، تحقيق ۽ تاليف جي دنيا ۾ ماٺهو لطيف جو ڪاهوڙي ٻڻجي، ڪيئن تو قطري مان سمنڊ ٻڻجڻ ڏانهن بہ وک وڌائي .

مان 1990ع ۾ جڏهن ممبئيءَ ويو هيس، تہ مالهي سائين مون تان بہ گهورَ تي ويو. شل اسان سنڌين جي امان سانئڻ جي ٻوليءَ جو رشتو اجمير ۽ الهاس نگر کان آريجن ۽ اڏيري لال تائين اسان سنڌين کي هڪ ٻئي مالها ۾ پوئيندو رهي، ۽ ائين ڪنهن سنڌيءَ جو من ميرو نہ ٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو دعوتنامو اڳواٽ ناڪر چاولا صاحب کي مون فيڪس ذريعي موڪلي ڏنو، جو اڪيجنپ ۾ سنڌس هٿن ۾ پهچي ويو، جن منهنجي پنهجي مراسلن بابت ٺاڪر چاولا رات جو فون تي ٻڌايو، ۽ ٻه ڏينهن مونسان رهڻ بابت به آگاهي ڪيائين.

اسان طئي ڪيو، ته 12 فيبروري 2001ع تي اسان ڊاڪٽر اي ڪي پنجواڻيءَ وٽ سنڌس پارس ميڊيڪل سينٽر ۾ گڏ تي، ڏيڍ وڳي منجهند جو وفد جي صورت ۾ ڪراچي ايئرپورٽ تي مهمانن کي رسيو ڪنداسون.

رٿيل پروگرام موجب اسان مان: تاجل بيوس اڪيڊميءَ جو چيئرمين ساجد سومرو، رڪيل مورائي ۽ نصير سومرو پارس ميڊيڪل سينٽر ۾ وڃي گڏ ٿياسون، مگر پنجواڻي صاحب ۽ ڪجهه ٻيا دوست گاڏيءَ سميت غائب هئا، مجبورن اسان ايئرپورٽ روانا ٿياسون، جتي ممبئيءَ کان اينڊڙ جهاز ٿورو ليٽ تي وڃڻ ڪري، هدايت بلوچ اسانجو سختيءَ سان انتظار ڪري رهيو هو.

اسان هٿن ۾ گلن جا هار جهلي، ٻاهر انتظار ڪيو، ۽ ان وچ ۾ پي آءِ اي ۾ آفيسر جي حيثيت سان ملازمت ڪندڙ شاعر هدايت بلوچ جهاز تائين پهچي، مهمانن جو وڃي آڌرياءُ به ڪيو، ته سندن سامان، بنا چيڪڻ جي ڪين اسان تائين به وٺي آيو، جتي سنڌو ۽ گنگا جي هڪ ٻئي ۾ سمائجي وڃڻ واري نظاري هر ڪنهن اينڊڙ ويندڙ کي حيرت ۾ تي وڌو. سخي قبول محمد، سجاده نشين درازا شريف پاران سائين جئرام گنگواڻي به مهمانن کي رسيو ڪرڻ لاءِ ايئرپورٽ تي پهتل هو، جتان صلاح مشورو ڪري، قافلي جي صورت ۾ اسان ڊفينس هائوسنگ سوسائٽيءَ ۾ واقع گنگواڻي صاحب جي گهر پهتاسون.

چانهه جا گرم، گرم ڍڪڙا پي، پنجين وڳي، اسان مهمانن کي چوکنڊي تاريخي قبرستان ۽ ڀنڀور جا قديم آثار ڏيکارڻ لاءِ ٻن ڪارين ۾ روانا ٿياسون. اسان سان گڏ، ساجد سومرو، رڪيل مورائي ۽ نصير سومرو به هئا.

چوکنڊي قبرستان گهمي، اسان جڏهن ڀنڀور پهتاسون، ته سج لهي چڪو هو، ۽ ڀنڀور جو ميوزم به بند ٿي چڪو هو. جيئن ته مان اڄ کان سورنهن سال اڳ قديم آثارن جي وزارت ۾ ڊپٽي سيڪريٽري طور ملازمت ڪئي هئي، ان ڪري ميوزم جي ڪيوريٽر محترم خميسي خان مونکي سڃاڻي، پنهنجي پوري عملي سان گڏ، مونکي ۽ مهمانن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون، ۽ يڪدم ميوزم کولرائي، نه رڳو مهمانن کي ميوزم گهمايائين، پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڊرات ڏيڪارڻ ڪانپوءِ ڪرسين تي ويهاري، چانهه ۽ بسڪوٽ به اڳيان رکيائين، مهمانن کي اها منجنيق به ڏيکاري ويئي، جنهن سان وڏا وڏا پٿر اڇلائي عربن ديبل بندر جو قلعو تباهه ڪيو هو.

واپسيءَ تي رات جي مانيءَ جو انتظام مون وٽ منهنجي گهر ٿيل هو، جتي مهمانن کي ماني کارائي، ٻارڙن سان ريان ڪنيان ڪري، مهمان گنگواٽي صاحب جي گهر روانا ٿي ويا.

13 فيبروري 2001ع تي ٺاڪر چاولا صاحب چيو، ته هو سڀ ڪان پهريائين رام باغ ۾ پاڪستان چوڪ پرسان واقع پنهنجي ٺاڪر نواس(بلڊنگ) ڏسڻ ٿو چاهي. مون ڪيس ٻڌايو، ته ورهاڱي ڪانپوءِ رام باغ جي اڳيان "آ" ملائي ڪيس مسلمان ڪري، "آرام باغ" جو نالو ڏنو ويو آهي. اسان پاڪستان چوڪ پهچي، گهٽين جو جائزو وٺڻ لڳاسون. مان هڪ ميمڻ اسٽيٽ ايجنسيءَ واري پيرسن ڪان بلڊنگ جو اتو پتو پڇڻ لڳس، جنهن ٻڌايو ته اها بلڊنگ عدنان پلازا جي نالي سان بلڪل موجود آهي.

ميمڻ صاحب پنهنجي آفيس ڇڏي، مونکي بلڊنگ ڏيکارڻ هليو. اسان پري کان ڏٺو ته ٺاڪر چاولا اسان کان اڳ ئي پنهنجي بلڊنگ پاڻ تلاش ڪري، بلڊنگ جي سامهون بيٺو هو. هن بلڊنگ جو ٺاڪر نواس مان نالو بدلائي، شروع ۾ ماهِ رخ پلازا، پوءِ رحمان بلڊنگ، ۽ هن وقت عدنان پلازا نالو رکيو ويو آهي..

ٺاڪر چاولا ۽ پارو چاولا جڏهن پهرينءَ منزل تي پهتا، ته مهاجر عورتون کين پليڪار ڇتي، پنهنجي فليٽ ۾ وٺي ويون، جتي اسانکي به گهرايو ويو. اهڙيءَ طرح پاسي واري فليٽ جون مايون به کين وٺي ويون، جتي مهمانن کي نه رڳو بسڪوٽ کارايا ويا، پر اسان سان گڏ جي عورتن ۽ ٻارڙن فوٽو به ڪڍرايا.

ياد رهي ته 1948ع ۾ ٺاڪر چاولا وارن تي مهاجرن جڏهن حملو ڪيو هو، ته سامهون رهندڙ سنڌين کين بچايو هو. زخمن جا اهي نشان اڃ به ٺاڪر چاولا جي ڇهري تي موجود آهن. ٺاڪر چاولا بعد ۾ ٻڌايو ته کيس زخمن جو ڪو به افسوس ڪونهي، افسوس فقط حملي وقت ڪڙڪين جي انهن شيشن جو آهي، جن جي ٽيونجاهه سال گذرڻ ڪانپوءِ به مرمت نه ڪئي ويئي آهي. هن بلڊنگ جو سؤدو هڪ مسلمان سان ست لک روپين ۾ طئي ٿيو هو، مگر سرڪاري طور هندن جي ملڪيت جي وڪري تي پابندي لڳڻ ڪري، هن ويهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فليٽن جي بلڊنگ جا ناڪر چاولا وارن کي فقط انهٺ هزار روپيا پيڙ پيا ها، جي پڏيءَ پيڙيءَ جون هريڙون سمجهي، ناڪر چاولا قبول ڪيا هئا.

انڪانپوءِ اشوڪ ڪمار سان گڏجي، اسان ڪلفٽن ۾ واقع رتنيشور مهاديو مندر گهمڻ وياسون، جتي مندر جي سيوا ڏاريءَ اسان کي ننگر جو تل ڦل بہ پيش ڪيو. هن مندر جي ڪاريگرن جبل جي غار ۾ اهڙي تہ نفاست سان اڏاوت ڪئي آهي، جو اڏاوت ڏسي، ڏندين آگريون اچيو ٿيون وجن!

منجهند جي ماني گلشن اقبال ۾ جاودان سيمينٽ جي ايم ڊي سائين مرلي گنگواڻيءَ وٽ ڪائي، شام واري پروگرام جي انتظامن ڏسڻ لاءِ اسان سچل ڳوٺ روانا ٿياسون، ۽ مهمان جئرام گنگواڻي صاحب جي گهر هليا ويا.

شام خو ستين وڳي مهمان رڪيل موراڻيءَ سان گڏجي، سچل ڳوٺ ۾ واقع صوفي پريم نگر پهتا، جتي صوفي علي ڏني ملاح، صوفي غلام قاسم ڪنڀر، ۽ سچل ڳوٺ جي رهواسين گلن جا هار پارائي، مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪيو. هن محفل ۾ ٽنڊي محمد خان کان ياءُ قيمت سنڌي بہ ڪهي آيل هو، ۽ گاجي کهاوڙ لاڙڪاڻي کان روشن لاڙ ۽ پيا بہ آيا هئا، جن شخصيتن سان مهمانن جو تعارف ڪرايو ويو، انهن ۾ سنڌ ثقافت ڪائونسل جو چيئرمين ستار پٽي، سنڌ ادبي اڪيڊميءَ جو چيئرمين اي ڪي پنجواڻي، ستار پيرزادو، سنڌي ادبي سنگت جو انچارج سيڪريٽري باري منگي ۽ بيدل مسرور بہ شامل هئا.

محفل ۾ سڀ کان پهريائين مون ناڪر چاولا صاحب کي اجرڪ پارايو ۽ تاجل بيوس اڪيڊميءَ جي چيئرمين ساجد سومري پيڻ پارو چاولا کي مٿي تي چني اوڍائي. اسٽيج سيڪريٽري ساجد سومري جي اعلان مطابق مون ماناڻتن لفظن ۾ مهمانن جو تعارف ڪرايو. ان ڪانپوءِ پارو چاولا جي صدارت ۾ مشاعري جي شروعات ڪئي ويئي، جنهن ۾ خاص مهمان طور ناڪر چاولا، ۽ اعزازي مهمان ميزبان تاجل بيوس کي ٻڌائي، اسٽيج تي ويهاريو ويو. مشاعري شروع ٿيڻ کان اڳ، ناول سمراٽ سرڳواسي گوبند مالهيءَ جي لاڏاڻي جي صدمي کان هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي ويئي، جنهن دوران تاجل بيوس حاضرين کي سپون جي ٽائيٽل ڪور تي ڇپيل گوبند مالهيءَ جي تصوير جو درشن ڪرايو، جنهن کي وڊيو ۽ ڪئميرائن ۾ محفوظ ڪيو ويو.

مشاعري ۾ سکهڙ گل محمد بلوچ، نصير سومري، رڪيل موراڻي، ساجد سومري، منصور ملڪ ۽ تاجل بيوس حصو ورتو. پارو چاولا ترنم ۾ پنهنجو مشهور گيت "ميلي ۾ پيي آءُ اڪيلي" ڳائي، ۽ تاجل بيوس مهمانن جي مان ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڙيل گيت "هر، هر پيا هٿڙن مان پگهل گرهه ڪرن ٿا. محبوب اچن ٿا" پڙهي، خوب داد حاصل ڪيو. ان کانپوءِ ٺاڪر چاولا صاحب ڪي سنڌ ۽ هند بابت ويچارن ونڊڻ لاءِ چيو ويو، جنهن سنڌ جي سارو ٿين سان گڏ، ڀارت ۾ سنڌي ادب ۽ زبان ڪي وڌائڻ ويجهائڻ لاءِ ڪيل عملي سرگرمين جو تفصيل سان دل کولي جائزو پيش ڪيو.

محفل جي ٻئي حصي ۾ فقير ثابت علي جتوئي، سچڻ علي محمد سرمستاڻي، فقير غلام حيدر، بيدل مسرور ۽ پارو چاولا راڳ پيش ڪري، حاضرين کان خوب داد حاصل ڪيو. ان وقت محفل جو عجيب دکدائڪ منظر هو، جڏهن سچل سرمست جي ڪافي "حال ته منهنجو ڪونه هو جيڏيون، پنهنجو ڪرم ڪيائون" ٻڌائيندي، پارو چاولا جي دل ڀرجي آئي، ۽ روئي ڏنائين.

محفل جي پڄاڻيءَ کانپوءِ رات جي ماني ۽ پارٽيءَ جو انتظام منهنجي ڄاڻي غلام مرتضيٰ لاشاريءَ جي گهر ٿيل هو، جتي رات جو ڪافي دير تائين ڪڪي نورجهان ۽ سنديس نياڻين سان مهمان روح ريجهائيندا رهيا.

14 فيبروري 2001ع تي منجهند جي ماني گنگواڻي صاحب وٽ کائي، اسان ٺٽي مان ٿيندا، ڪينجهر ڪناري پڳاسون، جتي مهمانن کي ٻيڙيءَ ۾ ويهاري، ڪينجهر جو سئر ڪرايوسون، ۽ مون لطيف جو هيءُ بيت جهونگاريو:

هيٺ جر، متي مجر، پاسي ۾ وڻراهه،
اچي وچ ۾، تماچيءَ جي ساءِ،
لڳي اتر واءِ، ته ڪينجهر هندورو ٿئي.

بس پوءِ ته پارو چاولا ۽ مون واري، واري سان لطيف جي سر ڪاموڏ جا بيت پڙهي، ڪينجهر جي ڇولين جي ورق گرداني ڪندا، اچي ڪنڌيءَ تي لٿاسون.

15 فيبروري 2001ع تي مهمان هوائي جهاز ذريعي سکر روانا ٿي ويا. ۽ اتي سخي قبول محمد، سجاده نشين درازا شريف جي سنگ ۾ مهمان درازا ياترا، سکر وٽان سنڌو درياهه، راڻي پور واري جڳهه، منڇر، سيوهڻ (پارو چاولا جو شهر) سنڌي لئنگيوئيج اٿارٽي ۽ ڀٽ شاهه تان پيرو ڪندا، واپس ڪراچيءَ پهچي ويا، جن سان سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ پاران رمپا پلازا ۾ واقع سگا جي آڊيٽوريم ۾ گوبند مالهيءَ جي حوالي سان، هڪ عاليشان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تقريب جو انتظام ڪيو ويو. جتان مهمانن کي روزانه شام اخبار جي بيورو اي حميد پنهل جي آفيس ۾ آندو ويو. جتي مهمانن کان انٽرويو ورتو ويو. جنهن ۾ اي حميد پنهل، اياز گل، غفار تبسم ۽ تاجل بيوس مهمانن کان سوال پڇيا.

متي ذڪر ڪيل ادبي تقريبن ۾ مانواري ٺاڪر چاولا جا ڪجهه هن طرح ويچار هئا: "اڄ سنڌوءَ کي سڪل ڏسي، اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا آهن. ۽ اسانکي پنهنجي جنم ڀومي چمڻ لاءِ اڌصدي انتظار ڪرڻو پيو آهي، جو انتظار ممبئي کان جنم ڀومي پهچڻ لاءِ فقط ڏيڍ ڪلاڪ اندر ختم ٿيو آهي" ٺاڪر صاحب وڌيڪ چيو ته ملڪي ورهاڱي جڻ ته دلين جا ورهاڱا ڪري ڇڏيا آهن. هن چيو ته اها وڏي ڏک جي ڳالهه آهي، جو شيخ اياز جهڙي وڏي شاعر جي مزار تي بورڊ به نه لڳايو ويو آهي! پيڻ پارو چاولا جذبن کي اظهاريندي، چيو ته ٽيونجاهه سالن کانپوءِ سنڌ ۾ اچي مون پاڻ کي پيهر زنده محسوس ڪيو آهي. هن چيو ته پارت جا سنڌي پنهنجي ٻوليءَ لاءِ لاپرواهه ناهن. پارو چاولا وڌيڪ ٻڌايو ته سنڌي وسندين ۾ سنڌي سنگيت جون محفلون ٻوليءَ سي زنده رکڻ لاءِ وڏو وسيلو ۽ ڪارگر ثابت ٿيون آهن.

اسانجي ٻنهي سرجڻهارن ويندي، ويندي چيو ته سنڌ جي اديبن کين اکين ۽ دلين ۾ ويهاري، محبت ونڊي آهي، جا ڪڏهن به وساري نٿي سگهجي. هنن وڌيڪ چيو ته سنڌين جي احسانن جون سندن ڪلهن تي پريون رکيل آهن، ۽ سنڌ جي ثقافتي سوکڙين جي پڻ مٿن ورڪا ڪئي وئي آهي، جا حقيقت ظاهر ٿي ڪري، ته سرحد وٺ پاتل هترادو ليڪا سنڌين جي ٻوليءَ ۽ ثقافتي رشتن جي زنجير کي ڪڏهن به ٽوڙي نٿا سگهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌس نثري شهپارا متي بيان ڪيل وڙن ۾ ورجيسن سان مالامال آهن. سنڌس ڏات ۾ ڏانوَ مان سرجيل ادب نه رڳو معروضي (Objective) آهي، پر آفاقي (Universal) به آهي.

هيءُ ليکڪ ڪجهه وقت خاموش رهي، ادبي افق تي ائين اوچتو ظاهر ٿيندو آهي، جيئن ڪا پيڙي چڪڻ جي چپيٽن مان بچي، لڙهي لهنواري تي اوچتو سيرَ اڪرندي نظر ايندي آهي، جنهن ڪانپوءِ پيڙيءَ جي ناکئي نگهبان سان گڏ سڪاٽي ۾ وانجهين جو قد پنهنجي اصل قد کان وڏو لڳندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُرن جي منڊيءَ ماڻ ڳوهيل فنڪار

# علڻ فقير

قديم زماني کان عرب ملڪن ۾ دف وڄايو وڃي ٿو. جو دهل ۽ نغاري جي حوالي سان ساز ۾ شماريو ٿو وڃي. اڄ به عرب ملڪ جا اوٺار (ساربان) صحرائي سفر ۾ اٺ تي لانگ ورائي راتين جون راتيون راڳ آلاپيندا رهن ٿا. جنهن ڪري، سندن اٺ بنا ٿڪاوٽ جي، اڄ، بک کان بي نياز سفر ڪندا رهن ٿا. سنڌ جي ڪاڇي ڪوهستان ۽ ٿر علائقن ۾ به بار برداريءَ جو اهو سلسلو صدين کان رهيو آهي ۽ زراعتي سماج ڪري، اجان به جاري آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته ارغونن ۽ ترخانن جي تسلط وقت ۽ ننڍي ۽ ٻين شهرن مان سامان سان اٺ لڏي، گجرات ۽ ڪانياواڙ تائين ويندا هئا، جنهن سفر ۾ اوٺي ڪن تي هٿ رکي، لوڪ گيت آلاپيندا هئا.

موسيقيءَ جي سرن ۽ آلاپن ثابت ڪيو آهي ته موسيقي واقعي روح جي غذا آهي، بيشڪ سر ۽ آلاپ انسان جي اندر ۾ تازگي ۽ توانائي ٿا پيدا ڪن. اها موسيقي ئي آهي، جنهن جي ٻڌڻ سان هڪ انسان لاءِ ٻئي انسان جي دل ۾ درد ٿو پيدا ٿئي. اهو ئي سبب اهي جو موسيقي هر طبقي جي ماڻهن وٽ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۽ رنگ ۾ جائز آهي. ڏٺو وڃي ته سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن تي آباد بستين ۾ صوفين ۽ ويدانتي مسلڪ وارن موسيقيءَ جي سرپرستي به ڪئي آهي، جن ۾ شاهه، سچل، مصري شاهه، ولي محمد خان لغاري، مهدي شاهه، سلطان باهو، بلي شاهه، لال حسين ميان محمد بخش، خواجه غلام فريد، بيدل، بيڪس ۽ مخدوم طالب المولیٰ به شامل آهن.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته هتي ننڍي کنڊ ۾ ڪو وقت اهڙو به آيو آهي، جڏهن هندو فنڪارن ۽ سرپرستن، مسلمان فنڪارن جي معاشي بدحالي ڏسي سندن هڙئون وڙئون مدد پئي ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح هندو فنڪارن ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان موسيقيءَ کي زنده رکي پاڻ ڏانهن منتقل ڪيو. اڄ به هندستان جي ڪلڪتي شهر ۾ رابندر ناٿ ٽئگور جي قائم ڪيل "شانتي نڪيتن" نالي موسيقيءَ جي يونيورسٽي موجود آهي. اسان کي تاريخ اهو به ٻڌائي ٿي ته ماتا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ارڙيءَ ۾ ورتل پارڙن لاءِ سنڌ جون مائرون پڳت ڪنور رام کان لوليون ڳارائينديون هيون، جنهن لوڪ رنگ ۾ اسان جو علڻ فقير بہ هڪ وڏو نالو آهي.

علڻ فقير 1932ع ۾ سنڌ جي آمري ڳوٺ ۾ مڱڻهار قبيلي ۾ جنم ورتو. ننڍي هوندي کان ونني ڪڙيءَ رسڻ تائين ريل گاڏين ۾ خوشيءَ جي ميڙاڪن ۾ ڳائي سنڌ جي ماڻهن جون دليون خوش ڪندو هو. 1970ع ۾ ريڊيو، 1971ع ۾ ٽي ويءَ تان سندس آواز گونجڻ لڳو. شهيد ڀٽي جي حڪومت ۾ اسلامي سربراهي ڪانفرنس ۾ ڳائڻ سان هو شهرت جي بلندين تي پهچي ويو. جنهن ڪانپوءِ 1978ع ۾ کيس سنڌالاجيءَ ۾ ملازمت ملي.

علڻ فقير وٽ هڪ الستي آواز هو، جنهن مان سنڌ جي مٽيءَ جي ڀني خوشبوءِ ايندي هئي، سچ پڇ هو جڙيل ئي سرن سان ڳوتل مٽيءَ مان هو. لطيف جي واين کي هو لطيفي انداز ۾ ڳائيندو هو. سندس الو ۾ ڪن فيڪوني ڪيفيت هئي، جا مئل دلين کي جيئرو ڪرڻ وارو مسيحائي اثر رکندي هئي. نہ رڳو ايترو پر علڻ فقير ساز ۽ آواز جي دنيا جو هڪ اهو سفير هو، جنهن سنڌي زبان ۽ سنڌي ثقافت کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اجاگر ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي. علڻ فقير ان موتين مالها ۾ پوتل هڪ موتي هو، جنهن مالها ۾ موهن ڀڳت، مائي ڀاڳي، ڊول فقير، فقير عبدالغفور، حسين بخش خادم، مصري فقير، سينگار علي سليم، سهراب فقير، موڻ شاهہ، زرينہ بلوچ ۽ جلال چانڊيو پوتل آهن. الائي تہ ڪهڙو واءُ وريو آهي، جو ان موتين مالها مان ڪي موتي وڃن ٿا ڳر ٿيندا.

اخباري حوالن مان خبر ٿي پوي ٿي تہ علڻ فقير فالج جي موذي مرض ڪري ستن ڏينهن تائين تڙپندو رهيو، پر ڪنهن بہ سندس پرگهور نہ لڌي. سندس اوڙي پاڙي جڻ ماٽ جو روزو رکيو هو. فالج جهڙي حملي ۾ علڻ فقير کي فقط تيل جي مالش ٿيندي رهي، ۽ بس. سنڌ حڪومت جي صاحبن علڻ جي ان وقت سار لڌي جڏهن علڻ فقير جو ساهہ لِڪيءَ ويجهو اچي چڪو هو ۽ سندس ڪمزور ٽنگون قبر ۾ لٽڪيل نظر اچي رهيو هيون. الائي تہ ڇو اسان وٽ اهڙي روايت جو بنياد وڌو ويو آهي جو چور جڏهن گهر ڀهاري روانا ٿا ٿي وڃن، تڏهن وارو ڙي وارو ڪئي ٿي وڃي! هوڏانهن اسپتال ۾ بہ مريض کي ان وقت داخل ڪيو ٿو وڃي، جڏهن مريض اکيون بند ٿو ڪري، تہ وري نہ کولي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علڻ فقير جڏهن ٽي ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي پهتو، تہ اسان جي ملاقات بار، بار ٿيڻ لڳي. ڪڏهن ٽيليويزن اسٽيشن تي تہ ڪڏهن ريڊيو تي. اسان جو گهڻو ملڻ ممتاز مرزا جي آفيس ۾ ٿيندو هو. هڪ دفعي مون کي ياڪر پائي شهپرن تي هٿ هڻي مون کان پهرئين ٿي جملي ۾ پڇيائين تہ تاجل! ٻڌاءِ تہ مان ڪئين ٿو ڳايان؟ سوال ٻڌي مان هڪو ٻڪو ٿي ويس، ۽ سوچڻ لڳس تہ هن وقت اهڙي سوال پڇڻ جي علڻ فقير کي الائي تہ ڪهڙي ضرورت پئي آ، سو بہ ممتاز مرزا جي سامهون، جنهن جي اسان وڏ ۾ وڏ عزت ڪندا هئاسون. مون جواب ڏنو تہ علڻ فقير جهڙو سنڌ ۾ فنڪار هڪ دفعو ٿي پيدا ٿيندو آهي، علڻ فقير کي منهنجي جواب تي مزو نہ آيو. وري چيم تہ علڻ فقير جهڙا فنڪار صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. چيائين تہ اهين تہ تڏهن چيو ويندو آهي، جڏهن فنڪار مري ويندو آهي. مون سوچيو تہ ڪهڙي قسم جي شاعري ڪجي، جو نانگ بہ مري ۽ لٺ بہ بچائجي. چيم تہ "جڏهن علڻ فقير ڳائيندو آهي تہ پوري محفل کي لطيف سرڪار جي دربار ۾ پهچائي ڇڏيندو آهي."
ممتاز مرزا مونڏانهن ڏسي مرڪيو ۽ اٿين فيروزالدين (موسيقار) بہ ڪمري ۾ پهچي ويو. شعر جو ٻيو بند هن طرح پڙهيم تہ: "جڏهن علڻ فقير ڳائيندو آهي تہ ڪڏهن لطيف سرڪار پاڻ محفل ۾ هلي ايندا آهن ۽ علڻ فقير اجرڪ پٽاري، لطيف سائينءَ جا هٿ چمي، لطيف سرڪار کي اجرڪ تي وهاري، وري بہ شاهہ جي وائي لطيفي انداز ۾ ڳائڻ لڳندو آهي."

منهنجو جواب ٻڌي، علڻ فقير جي اکين ۾ ڳوڙهن جو درياهہ ڇلڪڻ لڳو هو.

ويهين صديءَ ۾ اسان کان وڇڙي ويل استاد منظور علي خان، گلزار علي خان، وحيد علي، حسين بخش خادم، مصري فقير، موهن ڀڳت، مائي ڀاڳي، ڀڳت ڪنور رام، شيخ اياز، استاد بخاري ۽ نارائڻ شيام، ادب ۽ سنگيت جي دنيا ۾ وڏا ناﻻ هئا ۽ رهندا. سندن موت کي اسان ويهين صديءَ جا وڏا موت چئي سگهون ٿا. ايئن صوفي علڻ فقير جو موت بہ ايڪيهين صديءَ جو وڏو موت آهي. اهڙي هاڃي لاءِ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چوي ٿو:

گل چنو گرنار جو، پٽڻ ٿيون پٽين،
سهسين سورٺ جهڙيون، اُبيون اوسارين،
چوٽا چارڻ هٿ ۾، سر سينگاريو ڏين،
ناريون ناڏ ڪرين، راجا رات رمڳيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واويلا ونڪار

# طارق اشرف

طارق اشرف جي موت جو ٻڌي، مونکي ڦاهيءَ جو جهٽڪو لڳو هو. پيرن هيٺان ڌرتي کسڪندي محسوس ڪئي هيم. مونکي ڀنواٽيون اچڻ لڳيون هيون. اجان هڪ ڏينهن اڳ تہ لاڳيتو ٽي ڪلاڪ ڪچهري ڪئي هئي شون. طارق اشرف چانهہ تہ پئندوئي ڪونہ هو. چيومانس: طارق! ٿڌي پاڻيءَ پيارڻ يا ماني کارائڻ ڪانسواءِ اڄ ڪونہ ڇڏيندوسانءِ. ان وقت سنگم پبليڪيشن جو سرواڻ ڪرم الاهي چنا- بہ ويٺو هو. طارق انڪار ڪرڻ لڳو. چيومانس تہ مانيءَ کي ڇڏ، تون رڳو ٿڌي پيئڻ لاءِ هائوڪر تہ پيپسي ڪولا گهرايون. هاءِ بلڊ پريشر جي تڪليف ڪري ۽ ڪجهہ وشنو هئڻ ڪري، طارق ڏاڍو صفائي پسند ۽ گهر کان ٻاهر ڪاڏي پيتي ۾ محتاط لڳندو هو. عام ماڻهن وانگر هوٽلن ۾ يا ڪنهن دوست وٽ ڪنهن بہ شيءِ جي ويجهو نہ وڃڻ وارو، طارق، اڄ مون وٽ ٿڌي پيئڻ لاءِ هائوڪار ڪئي هئي. نائب قاصد کي ٽن بوتلن گهرائڻ جو اشارو ڪيم. طارق چيو: ٽي بوتلون تہ اسان پيئنداسين تاجل ! تون ڇا پيئندين؟ تون نہ پيئندين تہ اسان بہ ڪونہ پيئنداسون. طارق جي اسرار تي چار بوتلون گهرايم ۽ دستور موجب پاڻ واري بوتل مان ڪجهہ ڍڪڙا گلاس ۾ اوتي، باقي بوتل نائب قاصد کي موٽائي ڏنم.

بوتلون واپرائيندي، ڪرم الاهي چنا طارق اشرف کي هلڪڙن لفظن ۾ شڪايت ڪئي تہ تاجل کي سمجهايو جو هن دفعي يارت وارو سفرنامو سنگم پبليڪيشن جي پليٽفارم تان نٿو ڇپرائي، جڏهن تہ هن کان اڳ تاجل جو هر ڪتاب سنگم ڇپايو آهي. طارق جهيڻي آواز ۾ جواب ڏنو تہ اهو تاجل ۽ سنگم جو ذاتي مسئلو آهي، هو تاجل کي ڇاتو چئي سگهي؟

طارق کي ٻڌايم تہ مان سنگم ۽ ڪرم الاهيءَ جو نہ رڳو ٿورائتو آهيان، پر سنگم لاءِ هر قسم جو احترام بہ آهي، جنهن لڳاتار منهنجا (6) ڇهہ ڪتاب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو وڻ ڪيترن ئي ڇتن ۾ ٻوٽن کي پاڪر ۾ جهليو بيٺو هوندو آهي. ڇرچو سمجهي، لڳايل ان تهمت کي مون پنهنجي تي اجلائي ڇڏيو هو.

طارق مونکي ايترو ته ويجهو سمجهڻ لڳو هو، جو سهڻيءَ ۾ ڇپجندڙ شاعريءَ وارو سيڪشن طارق منهنجي حوالي ڪري ڇڏيو هو. هڪ دفعي سڄا سارا ٻه بنڊل شاعريءَ جا منهنجي حوالي ڪيائين، جن مان معياري شاعري، خاص ڪري نئين ٽهيءَ جي تخليقن جي چونڊ ڪرڻ، مون لاءِ مسئلو ٿي پيو هو. مونکي اجازت هوندي هئي ته يونيورسل وارن وٽان ڪمپوز ٿيل مواد حاصل ڪري، پروف ريڊنگ ڪانپوءِ سڌو سنئون ڪين ئي پهچرايان.

رات جو سادي ڏهين وڳي ڏاران مانواري علي احمد بروهيءَ جو فون آيو ته طارق اشرف دل جي تنٺ ڪري پرنس ڪامپليڪس واري فليٽ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو آهي. ان وقت مان گهر ۾ موجود ڪونه هئس. ٿوري جهٽ ڪانپوءِ مان جيئن ئي گهر پهتس ته منهنجو پٽ سليم دروازي تي بيٺو هو، جنهن ٻڌايو ته بابا، اڄ اوهان لاءِ ڏاڍي صدمي واري خبر آهي. بس، پوءِ ته سڌو سنئون پنهنجي دلگهرئي دوست انعام شيخ وٽ هليو ويس، جيڪو منهنجي پرسان معمار ڪمپليڪس ۾ رهندو آهي، جتان پوءِ اڌ ڪلاڪ اندر بروهي صاحب وٽ پهتاسون ۽ ائين اچي طارق جي ٿڌي ٿي ويل لاش تي ٻه ڳوڙها ڳاڙياسين. ان ڪانسواءِ وڌيڪ ڪريُ به ڇا ٿي سگهياسون! اهو طارق اشرف جو ٻه ڪلاڪ اڳ انعام شيخ سان ڪچهري ڪري، پرنس ڪمپليڪس پهتو هو. بروهي صاحب سان گڏ "جاڳو" اخبار جو سرواڻ ف م لاشاري به موجود هئو. طارق جو گهريلو نوڪر ڪڪو غلام الرسول پنهور به هيو، جيڪو ڪنهن ضروري ڪم سانگي طارق سان ملڻ لاءِ حيدرآباد کان آيو هو، جنهن طارق سان نه ملي سگهڻ ڪري، مون وٽ ئي طارق لاءِ انتظار ڪرڻ مناسب سمجهيو هو.

هند ۾ طارق اشرف جو بحيثيت ڪهاڻيڪار توڙي سهڻيءَ جي حوالي سان ڏاڪو ڄميل ڏٺم. شاهه، سچل، سامي سيمينار ۾ "شاهه بابت ڪجهه اهم ڳالهيون" جي عنوان سان طارق جي پڙهيل مقالي تي ايترو ته ڳالهايو ويو هو جو منهنجي خيال مطابق اهڙو بحث مباحثو ٻئي ڪنهن جي به مقالي تي نه ٿيو هو.

منهنجي ڄاڻ مطابق هن وقت تائين طارق جا جيڪي ڪتاب پڙهندڙن تائين پهتا آهن. انهن جو وچور هن ريت آهيُ: سونهن، پٿر ۽ پيار، جيل گهاريم جن سان، جيل ۾ ٻاويهه مهينا (ٻه حصا) اڌ ملاقات، زندگيءَ جو تنها مسافر، ميرُو ڏاڙيل، هٿين هٿ ڪڙول، انٽرويو ۽ درد جا ڏينهن ۽ درد جون راتيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(8) "عوامي آواز" جي 16 -اپريل 1992ع واري شماري ۾ پهرئين صفحي تي طارق اشرف جي آخري سفر واري تصوير ڪي ڇتائي ڏسڻ سان نه رڳو طارق ننڊ ۾ ستل تو لڳي، پر ڇپن ڪان سندس اکين تائين مرڪون ئي مرڪون ڦهليل ڏيون نظر اچن، هو ڪلي تو پيو: اسان هاڻي به ڏسي سگهون ٿا، هائو، طارق زنده آهي.

(10) طارق اشرف ڪي سهڻيءَ جي سوداءَ ماريو آهي. موت ڪان هڪ ڏينهن اڳ ۽ موت واري ڏينهن به طارق چيڪن وٺڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو، مگر "سهڻ ڇنگهان نپي، چوٿون پڇ." موت ڪان هڪ ڏينهن اڳ طارق جي ڊرائيور عزيز اچي ٻڌايو ته سياڻي طارق ڪيس پنج هزار روپين جو چيڪ لکي ڏيندو ۽ سهڻي ڇپائيءَ لاءِ موڪليندا سون.

مٿين خوبين واري انسان جي زندگي بيشڪ قومي سرمايو هجي ٿي ۽ سندس موت هڪ فرد جو نه، پر هڪ اداري جو. طارق اشرف ادب ۽ اشاعت جي ٻيڙي جو سڪاڻي هو، ناڪو نگهبان هو، جنهنجي ٻيڙي ۾ ونجهه هلائيندڙ وانجهي به هئا ته بنا پتڻ درياه پار ڪندڙ مسافر به. اڄ اهو ٻيڙو بنا ناڪئي جي مسئلن جي طوفان ۾ وڪوڙيل آهي. اسان ڏسون پيا ته ان ٻيڙي جا ڪوها، سڙهه ۽ سڪاڻ ٽڪرا ٽڪرا ٿي چڪا آهن، جيڪو چڪڻ جي چوٻول ۾ ڇتين ڇولين جون سٽون سهندو اچي آجهار ۽ آڇٽ ۾ ڦاٿو آهي! ادب ۽ تحريڪ جو هڪ ڏار ٽٽي پيو آهي، جنهن جو جهٽڪو وڻ پاڙن تائين محسوس ڪندو آهي. هڪ ٻڙ جو وڻ آهي، جيڪو ڪناري تان اکوڙجي، ڪنن ۾ ولوڙجي، لهرين لهوارو ٿيو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙيچيءَ مالها جو موتيءَ داڻو

# محمد خان مجيدي

محمد خان مجيدي سنڌ جي آڱرين تي ڳڻجندڙ انهن شاعرن ۾ شامل آهي، جن جو وڏي ۾ وڏو آدرش سنڌ ۽ سنڌيت رهيو آهي. عبدالڪريم گدائي، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، زخمي چانڊيو ۽ سرڪش سنڌيءَ وانگر، مجيدي صاحب به مزاحمتي شاعرن جو سرواڻ آهي، ته زمين جي جنهن خطي ۾ حق تلفيون ۽ حقن جي لتاڙ ٿيندي هجي، اتي مزاحمتي شاعري محمد خان مجيديءَ جهڙي شاعر جي سيني تي ڌڙڪن ۽ ڪانڌيرن جيان ڦٽي پوڻ لازمي امر آهي. جا حالت شاعر جي ننڊ ڦٽائي ڇڏيندي آهي.

محمد خان مجيديءَ پنهنجي سڄي زندگي سنڌ ۽ سنڌيت جي خدمت ۾ گذاري. هن پنهنجيءَ ماتا سانئڻ جي رڪيل پوري ناليءِ محمد خان مجيديءَ ڪي ادبي نالي طور ڪم آندو.

پاڻ ذات جو جتوئي بلوچ ۽ سنڌس جنم ميرانپور (جهوڪ شريف) جي لڳ، ڳوٺ قيصر خان جتوئيءَ ۾ سال 1918ع ۾ ٿيو. شاعريءَ جي شروعات 1938ع ۾ ڪيائين. سنڌس پيٽ گذاري جو ذريعو تعليم کاتي ۾ استاد هجڻ رهيو.

روزانه هلال پاڪستان ۽ سنڌس شعري مجموعي "مٽي منهنجي مٽي آهي" موجب محمد خان مجيديءَ جو پهريون مجموعو "سنڌڙي ۽ ان جون ذاتيون" 1962ع ۾ ڇپيو. عجيب اتفاق نه، پر هڪ سنو سنوڻ ڇئبو ته محمد خان مجيديءَ جون پنج ڳالهيون منهنجي زندگيءَ جي سفر سان ملن جلن ٿيون. هونءَ به وڏڙن جي پيرن جا نشان وٺي هلڻ، خوشقسمتي سمجهڻ گهرجي. اهڙن پنجن حقيقتن مان هڪ جتوئي ذات آهي. جو منهنجو ادبي استاد ۽ رهبر استاد حڪيم الله آندو ذات جو جتوئي هو. ننڍپڻ ۾ ويهين صديءَ جي چاليهين ڏهاڪي ۾، جنهن مسجد جي پيش امام پهريون ديني سبق ڏنو هو، ان جو نالو محمد خان هو. تين هڪ جهڙي ڳالهه استاد يا ماستر هجڻ آهي. جو مئثرڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاس ڪرڻ ڪانپوءِ پهريون پيرو نوڪري مونکي انگريزي ماستري ملي هئي، پوءِ ستن اٺن سالن ڪانپوءِ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جي چونڊجڻ سان سائيڪل (ڪل گهوڙو) ڇڏڻو پيو هو. چوٿين ڳالهه سال 1938ع جو آهي، جڏهن مجيدي صاحب شعر چوڻ جي شروعات ڪئي هئي، جو سال منهنجي جنم جو سال آهي.

آخري ملندڙ جلندڙ حقيقت 1962ع واري سال جي آهي، جنهن ۾ مجيدي صاحب جو پهريون شعري مجموعو ڇپيو هو. ۽ منهنجي هٿن ۾ پيرڻ ڪي ان سال ميندي لڳي هئي.

انٿيهن سالن جي وڏي وٿيءَ، ڪانپوءِ مجيدي صاحب جو ٻيو شعري مجموعو "مٿي منهنجي مٿي آهي" جي نالي سان 400 صفحن تي ڦهليل هئڻ جي ڪري چڱو خاصو ضخيم مجموعو آهي. جنهن ۾ اعليٰ قسم جا قومي نظم آهن. ٻڌايو وڃي ٿو، ته "ملهه مهانگا ماڻهو" ۽ "سادي ست ورهي" اڻ ڇپيل مجموعا به مجيدي صاحب پنيان ڇڏي ويو آهي.

مجيدي صاحب پنهنجي چار ڇمار سنڌ ساٿيهه ڪي اربي ڇڏي هئي، جنهن لاءِ سنڌ جي هر ڳوٺ ۽ ماڳ مڪان ڪي هو پنهنجو ئي سمجهندو هو. سندس شاعريءَ ۾ سماجي ڪارج پلئون پل آهي. اسان مڃون ٿا، ته سندس شاعري سماجي، معاشي، اصلاحي، سياسي ۽ سائنسداني ۽ تبديلين يا انقلاب لاءِ رچيل آهي. ان ڪري، يورپي ملڪن جي مڃتا موجب، اسان جو مجيدي صاحب بيشڪ وقت جي سائنسدانن حڪمرانن جو نقيب يا رهنما ثابت ٿي سگهي ٿو.

ڪن شاعرن ۾ ڪي خاص خوبيون يا خاميون گهر ڪري ويٺديون آهن، ڪي شاعر اهڙا به ٿي گذريا آهن، جي مهمان يا ملاقاتيءَ ڪي دروازي تان ئي موٽائي ڇڏيندا آهن، ته وري ڪي زبان جي پاڪائي ۽ مناڻ ۾ گار گند وارو زهر ملائي، زبان ڪي سينواريندا رهندا آهن! ان جي ابتڙ، محمد خان مجيديءَ ۾ هيٺيون مثالي خوبيون ملن ٿيون، جن ڪي اسان نه رڳو ياد ڪندا رهنداسون، پر اهڙين خوبين تي عمل به ڪندارهنداسون.

(1) هو جڏهن به ڪنهن نئين شاعر سان ملندو هو، ته خوشيءَ جي اظهار سان گڏ، موقعو ڪڍي ان شاعر جي مائٽن سان ملي، ڪين چوندو هو، ته اوهان ڪي لک لک مبارڪون هجن، جو اوهان وٽ شاعر پيدا ٿيو آهي.

(2) ادبي حلقن ۾ مشهور آهي، ته شعوري توڙي لاشعوري طور، مجيدي صاحب ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر جو سفير ۽ لياريءَ جو لال

# عبدالله ڪيچي

عبدالله ڪيچيءَ سان منهنجي ڏٺا سلام هتي ڪراچيءَ ۾ ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تان ٿيندي، وڃي شير شاهه ۾ واقع گراموفون ڪمپنيءَ (E.M.I) جي رڪارڊنگ تي پهتي. مون اهي رڪارڊ سنڀالي رکيا آهن، جي نه فقط عبدالله ڪيچيءَ جي آواز ۾ آهن، پر استاد محمد جمن، استاد محمد يوسف، مصري فقير، عذرا رياض، عابده پروين، فقير عبدالغفور، گلشن علي زنگيجي، انور وسطڙي، فوٽي زرداري، غلام الرسول لوهار، سيد سليمان شاهه ۽ عبدالله پنهور جي مڌر ۽ الهامي آوازن ۾ مون وٽ موجود آهن. اهي رڪارڊ منهنجي زندگيءَ جو اڻ ملهيو سرمايو آهن، جن کي رڪارڊ پليئر تي وڄائي، جڏهن ٻڌي ياد تازي ڪندو آهيان، تہ لڳندو آهي، ڄڻ عبادت ڪري، دعا گهرڻ لڳو آهيان.

عبدالله ڪيچيءَ جي آواز ۾ مون وٽ ٻن رڪارڊن جو هڪ، هڪ پاسو آهي، جي آهن:

"ڄام تماچي آيو، مهاڻن جي ماڳ تي"

۽ ٻيو آهي:

"جهليو ڪين جيڏيون، گهڙان پاڻ گهوري"

رڪارڊن تي 1976ع سال لکيل آهي، ۽ ان کان اڳ 1975ع ۾ اي ايم آءِ وارن هن ٿي بستيءَ ۾ رهندڙ عبدالله پنهور جي آواز ۾ منهنجا هيٺيان ڪلام رڪارڊ ڪيا هئا:

"لاهيان ڪيئن لڱن تان، عمر! لال لوئي"

۽ ٻيو ڪلام آهي:

"اديون! رات انڌا، اتاري هليا ويا"

عبدالله ڪيچي ڪڏهن، ڪڏهن پاڻ قرب جا قدم ڀري، مون وٽ گارڊن روڊ تي واقع منهنجي سرڪاري گهر ايندو هو، تہ ڪڏهن گبول پارڪ ڀرسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان سندس گهر ويندو هيس، ۽ ائين هارمونيم جي سرن توڙي ذاتي دعا سلام جي حوالي سان پيون روح رچنديون ٿينديون هيون.

مان تازو جڏهن اسلام آباد کان بدلي ٿي، هتي ڪراچيءَ پهتو هئس ته اسانجا به پيارا فنڪار مونسان منهنجيءَ آفيس ۾ ملڻ آيا هئا، جي هئا: ماسٽر اياز علي ۽ عبدالله ڪڇي. هڪ پيارڙو ڏرتيءَ ماتا جي گود ۾ وڃي ستو، ۽ ٻئي لاءِ دعا آهي ته منهنجي به باقي عمر سندس پاڳي ۾ اچي.

عبدالله ڪڇي ۽ اياز عليءَ جا اهڙا ڳڻ-وسارڻ سان به نه وسرندا آهن. سچ چيو اٿن ته هرڪو پنهنجن وچ ۾ ئي سٺو لڳندو آهي، ان ڪري هي پيارڙا آفيس ۾ مونکي به سٺا لڳندا هئا. اهڙا فنڪار هڪ - ڳٺا نه پر، سوَ - ڳٺا سڏبا آهن.

راڳ ۽ ويراڳ اسانجو ورثو ۽ قومي سرمايو آهي. ڪو فنڪار وڇڙي ٿو وڃي، جڻ لطيف جي تنبوري جي تار ٽي ٽٽي پوي. استاد منظور علي خان، استاد گلزار علي خان، ماسٽر محمد ابراهيم، استاد محمد جمن، استاد محمد يوسف ۽ مصري فقير اهڙي ملڪ ويا. جتان ڪوبه واپس نه وريو آهي، ته مٿان عبدالله ڪڇي، هٿ هٿ ۾ ملائي، اسانکان وڇڙي ويو.

عبدالله ڪڇي نه رڳو سنڌ جو فنڪار هو. پر هو پنهنجي نرالي سريلي آواز ۽ ڪڇي هئڻ جي حوالي سان ڪڇ پيچ جو به فنڪار هو. هونءَ به فنڪار ڪنهن هڪ خطي جو نه، پر پوريءَ ڌرتيءَ جو سرمايو هجي ٿو.

عبدالله ڪڇيءَ وٽ سرن جي تقسيم به خوبصورت هئي. ميٺڙ راڳ جي اها خوبي آهي، جيڪا سارنگي، فلوٽ ۽ ستار ۾ ٿيندي آهي، پر هارمونيم ۾ ٿئي ئي ڪانه. عبدالله ڪڇي اسانجي انهن فنڪارن مان هو، جيڪي هارمونيم جي پن، ٽن سرن کي هڪ ئي وقت ڇهي، ميٺڙ جو پورائو ڪري، راڳ ۾ مٺرتا پيدا ڪندا آهن.

هڪ دفعي سنڌ ۾ ڀارت کان هڪ پنڊت آيو هو، جو راڳن بابت کوجنا ڪري رهيو هو. استاد محمد جمن کان سوال ڪيائين ته علم موسيقيءَ ۾ ست سر - سا، ري، گا، ما، پا، ڌا، ني - آهن، پوءِ انُون سر يعني ٽيپ سا، ڇو ٿو لڳايو وڃي؟ استاد محمد جمن جو جواب هو ته جيڪڏهن انئي سرَ نه لڳائبا ته تالُ مڪمل ٿيڻ کان رهجي ويندو، جنهن ڪري سرگم، تال ۾ پورو نه ٿيندو. انين سرَ لڳائڻ سان اٺ گر ماترائون پوريون ٿين ٿيون، يعني تين تالُ مڪمل ٿو ٿئي، جيڪو سرگم جي انن رڪنن يا سورنهن ماترائن جو نيڪو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استاد محمد جمن جو جواب ٻڌي، ان پنڊت استاد جمن واري ٺُني انداز سان ساڻس تاڙو ملايو هو.

ڏنو ويو آهي تہ ريڊيو ڪراچيءَ تان ڪيترا رڪارڊ ڪرايل ڪلام گم ٿيندا پيا وڃن، جن ۾ منهنجا بہ اڪيچار گيت ۽ ڪافيون شامل آهن.

منهنجا ڪلام نہ رڳو، اي ايم آءِ ڪمپنيءَ ۾ عبدالله ڪچيءَ جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيا هئا، پر ريڊيو تي بہ ساڳئي ئي آوازن ۾ رڪارڊ ڪيا ويا هئا. ڪڏهن، ڪڏهن عبدالله ڪچيءَ جي آواز ۾ پياري نور محمد بالا جو ڪلام: مقدر سان مليو مونکي، مٺو منٺار محفل ۾" ٻڌي وٺندو آهيان، ۽ هان ڪڏهن، ڪڏهن عبدالله پنهور جي دردیلي آواز ۾ "مونکي ماروئڙن جون ڳالهيون ياد پون" بہ ٻڌندا آهيون.

عبدالله ڪچي پنيان ست پٽ ۽ ٽي نياٽيون ڇڏيون آهن، جن مان عبدالله جي زندگيءَ ۾ ڪنهن هڪ جي بہ هٿن کي ميندي نصيب نہ ٿي سگهي. عبدالله جا ٻار اوهان ۽ اسان جون نياٽيون ۽ پٽڙا آهن. ڪلچر کاتو اسانجو پنهنجو کاتو آهي، جنهن ۾ ڪم ڪندڙ آفيسرن ۽ ملازمن کي عبدالله ڪچيءَ جهڙن فنڪارن تي فخر هئڻ گهرجي. اسان ڪلچر کاتي جي وزير ۽ سيڪريٽريءَ کي پرزور اپيل ٿا ڪيون تہ هو عبدالله ڪچيءَ جي نالي ماهوار وظيفو مقرر ڪري سنڌس ڪٽنب کي هر مهيني ادا ڪرڻ جو انتظام ڪن ۽ سنڌس جوان ٻارڙن کي سهاڳ ماڻڻ ۾ بہ جوڳي سهائتا ڪن ۽ ان سان گڏ وفاق جي ڪلچر منسٽريءَ وٽان بہ ماهوار وظيفو ڏيارڻ ۾ سنڌ سرڪار، خاص طور چيف منسٽر ضروري اپاءَ وٺڻ ۾ مدد ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳل چنو ڳرنار جو

# اُستاد نياز حسين خان

گواليار ڪلاسيڪي راڳ جي سرزمين رهندي آئي آهي، جتي راڳ ـ ديوي گواليار جي مانائتي گهراڻي تي موسيقيءَ جا گل نڇاور ڪندي رهي آهي. راڳ ديوي رابيلي گلن جا گجرا ٿاهي، گواليار جي مائرن کي آڇيندي آهي، جي مائرون استاد منظور علي خان، استاد ٻيبي خان، استاد نياز حسين خان، فدا حسين، ظفر علي، فتح علي، وحيد علي، رجب علي، نذر حسين، مظهر حسين ۽ ذوالفقار عليءَ جهڙن فنڪارن ۽ استادن کي جنم ڏيئي، پاڻ بہ امر ٿي ويندين آهن.

موسيقي يا راڳداريءَ کي انگريزيءَ ۾ ميوزڪ (Music) چيو ويندو آهي، جيڪو لفظ Muse مان ورتو ويو آهي. اسان جيڪڏهن قبلِ مسيحائي يوناني ڏند ڪٿائي علم (Mythodology) تي نظر وجهنداسون، تہ اصل لفظ "Muse" ملندو، جنهن کي شاعري ۽ لطيف فن Fine Art جي ديوي سڏيو ويو آهي، جا زيوس (Zeus) جي خوبصورت نوَن ڌيئرن مان هڪ ڌيءَ آهي. اهو ئي سبب آهي، جو دلين تي راڄ ڪندڙ ان ديويءَ کي شاعريءَ ۾ روح چيو ويو آهي. دراصل، ان قسم جي هر هڪ ديويءَ (goddess) کي ڪنهن نہ لطيف فن تي حڪمراني ڪندڙ شهزادي سڏيو ويو آهي. ان حوالي سان استاد منظور علي خان، استاد ٻيبي خان ۽ استاد نياز حسين خان تہ چولو مٽائي، وڃي پنهنجي اصل ماڳن مڪانن تي رسيا آهن، پر پوءِ بہ اسان وٽ سندن ڇڏيل نشانڙيون مظهر حسين ۽ ذوالفقار علي وڏڙن جي نالي روشن ڪرڻ لاءِ سندن ماتا جي آتما سر ۽ سنگيت جي خوشبوءِ آڇيندا ئي رهن ٿا. جڏهن هو ڳائيندا آهن، تہ دلين جي صحرائن کي لڪيءَ جي سدا بهار چشمن سان سيراب ڪري ويندا آهن. سندن ـ ڇاوا اهي شال وٽن مان وٽڪار جو درجو ماڻين، جيئن ٽڪل مسافر سندن ڇانوَ ۾ ڪا گهڙي ٽڪَ ڏيجي، وري پنهنجو سفر جاري رکندا رهن.

چيو ويو آهي تہ موسيقي روح جي غذا آهي، جا روح کي فرحت ۽ تازگي بخشيندي رهي ٿي، انسان جي ذل ۾ ٻيئي انسان لاءِ محبت پيدا ڪريٿي. اهو زمانو بہ هيو جڏهن يوناني حڪيم يا ويڄ کي سند



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Certificate) ملندي ٿي، تڏهن هئي، جڏهن هو پين پيپرن سان گڏ. موسيقيءَ وارو پرچو بہ پاس ڪندو هو. هندو ڌرم ۾ تہ ڳائڻ وڄائڻ عبادت ۾ شامل آهي، ايتري قدر جو هندو ڪرشن، مهراڄ، رام، سيتا ۽ لڇمڻ جي شان ۾ ڀڄن ۽ اشلوڪ ڳائيندا آهن. هونءَ بہ ڏٺو وڃي تہ قدرت هر آواز ۽ عمل جو بنياد موسيقي ۽ موسيقيءَ جي لئي تي رکيو آهي. آبشارن ۽ مينهن جي وسڪاري کي غور سان ٻڌبو تہ گهنگهروءَ جا ڇمڪا ۽ باجي جي لئي محسوس ٿيندي. ڪبوتر، ڪونج، ڪويل، ڳيرڙين ۽ تترن جي ٻوليءَ تي غور ڪبو تہ مقرر ٿيل رڪن يا ماترائون (Vowels) پنهنجي مقرر وقت اندر استائي يا انتري وانگر ٿي ختم ٿينديون نظر اينديون.

راڳداريءَ ۾ موسيقار يا مغني (Musician) جو اعليٰ ۽ اتم درجو ٿئي ٿو. راڳ جي دنيا ۾ گويا، پنڊت ۽ خانصاحب جو درجو ٿي تڏهن ملندو آهي، جڏهن موسيقيءَ جي ماهرن جا سبق نصيب ٿيندا آهن. اهي باجي ڏٺي ٿي پنڊت ۽ خانصاحب جو رتبو ڏياريندا آهن. جيئن شاعر فقط تخليقڪار هوندو آهي ۽ پارکن (Critics) کي تخليقڪارن جو بہ تخليقڪار ٻڌجڻو پوندو آهي، اهڙيءَ طرح راڳ جي دنيا ۾ باجي - ڏٺيءَ کي بہ فنڪار جي مقابلي ۾ تخليقڪار جو تخليقڪار ٿيڻو پوندو. فنڪار فقط فنڪار آهي، پر موسيقار کي فنڪار سان گڏ فن جو ماهر بہ ٿيڻو ٿو پوي، جنهن لاءِ زندگيءَ جي رياض ۽ مشق جي ضرورت هجي ٿي.

استاد نياز حسين خان بہ زندگيءَ جي رياض سان هڪ فرد مان ادارو (Institution) ثابت ٿيو هو، جنهن جي ساز مان سر لهرين جو روپ وٺي نڪرندا هئا. هڪ اٿاهہ سمنڊ هو، جنهن جي پاتال ۾ سنگيت جا موتي سرجندا هئا. هارمونيءَ تي سا، ڪان ٽيپ سا واري چرپر يعني آروهيءَ توڙي واپسيءَ يعني امروهيءَ ۾ استاد جون آڱريون باجي جي سرن تي رقص ڪنديون نظر اينديون هيون.

مندر سبتڪ ۽ مڌ سبتڪ استاد نياز حسين خان جي آڏو شطرنج جا مهرا هئا. جن کي پنهنجي مرضيءَ تي هلائي، چلائي، موسيقيءَ جي راڄائن (Kings) کي شهہ ڏيئي، مات ڪندو هو. هارمونيم جا ڪومل ۽ تيور سر چڙ تہ استاد جي موسيقيءَ جي ميدان جا سپاهي هئا، جيڪي هر وقت استاد جي اطاعت ۾ سندس حڪم ۽ فرمان جو انتظار ڪندي نظر ايندا هئا. اهڙن فنڪارن ۽ مهان موسيقارن جي موت تي هڪ ڌرتي، ڇا ڪيئي ڌرتيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينديون آهن. آسمان ۾ لرزش پيدا ٿيندي آهي ۽ ديسواسي پاڻ کي گهاٽي ۾ پيڙهبو محسوس ڪندا آهن.

مان جڏهن ڪراچيءَ جي گارڊن روڊ تي سرڪاري گهر ۾ رهندو هئس، ان وقت مونکي پنهنجي ڪلام کي ڇپائي پڌرو ڪرڻ بدران، ڪنهن فنڪار کان ڳارائڻ جو جنون جي حد تائين شوق هوندو هو.

منهنجو ڪلام ريڊيو، ٽي وي ۽ E.M.I گراموفون ڪمپنيءَ ۾ به رڪارڊ ڪيو ويندو هو. ان زماني ۾ ڪئسيٽ ڪلچر جو اجا بنياد پئجي رهيو هو. E.M.I ڪمپنيءَ (جاهن وقت بند ٿي چڪي آهي) ۾ پنهنجو ڪلام مختلف فنڪارن جي آواز ۾ رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ مونکي ماسٽر محمد ابراهيم، استاد محمد جمن، بلاول بيلجم، استاد محمد حسن، اياز علي، فيروز دين، ظفر علي، عبدالله پنهوَر سان گڏ استاد نياز حسين خان جي ترتيب ڏنل موسيقيءَ جو به شرف حاصل آهي.

1979ع جي هڪ تارن ڀري رات هئي، جڏهن آفيسرس ڪالونيءَ ۾ منهنجي گهر جي ڊرائينگ روم ۾ استاد نياز هسين منهنجن ڪلامن، جيئن ته (1) ڪيڏا هتڙا پئي رنگدار ڏنم (2) تنهنجون منهنجي اڳيان مجبور اکيون (3) نيهن ڪري نروار، عشق اسانجي اڱڻ تي آيو (49 دل ڪيئن دوست وساري ۽ (5) تون ته ملندو رهندين خوابن ۾ جوڻ ڌنون ڪمپوز ڪري رهيو هو ۽ لڙيءَ سومهڻيءَ عابده پروين استاد نياز حسين جي سامهون غاليچي تي ڌنن کي آلاپي رهي هئي، چاڪاڻ ته سڀاڻي تي گراموفون (شيرشاهه، ڪراچي) ڪمپنيءَ ۾ رڪارڊنگ ٿيڻي هئي. اڳ، ان قسم جي رڪارڊنگ جوءَ مان ٿهيل رڪارڊن ذريعي ٿيندي هئي، جا هاڻي پلاسٽڪ مان ٺهيل هلڪن رڪارڊن وسيلي ٿيڻ لڳي هئي.

اهي ساڳا پنج ئي نغما E.M.I رڪارڊنگ کان ٿورو اڳ عابده پروين استاد نياز حسين جي موسيقي ۾ هڪ شاعر ۽ هڪ فنڪار" واري ٽي وي پروگرام ۾ پيش ڪري چڪي هئي، جو پروگرام ممتاز مرزا جي قربتن جو ڪرشمو هو. ان قسم جا پروگرام، جن ۾ عذرا رياض جا ڳاتل پنج نغما به شامل آهن، ممتاز مرزا جي قربن ڪري ئي پيش ڪيا ويا هئا.

استاد نياز حسين خان جي موسيقيءَ ۾ E.M.I ڪمپنيءَ جا آهي رڪارڊ اڄ به منهنجي ساهه ۽ ويساهه جو سرمايو آهن. اهڙن ڳاتل نغمن جو تعداد ڇهه آهي، جي استاد محمد جمن، عابده پروين، فقير عبدالغفور،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد يوسف، عذرا رياض، مصري فقير، انور حسين وسطڙي، فوتي زرداري، غبدالله پنهوَر، عبدالله ڪڇيءَ، گلشن علي زنگيجي، غلام الرسول لوهار، ۽ سليمان شاهه جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل آهن.

ڪراچيءَ ۾ وهايل انساني رت ڪان مان جڏهن گهبرائجي ويندو آهيان، يا محبت جي سامهون ڪو اچي نفرت جي ديوار ڪڙي ڪندو آهي، تڏهن مان رڪارڊ پليئر تي رڪارڊ وڄائي، نه رڳو ماضيءَ کي موٽائي وٺندو آهيان. پر اِن سان گڏ استاد نياز حسين خان جي يادن جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ سان دل کي وهنجاري سهنجاري، استاد کي دل ۾ وهاري، سندس هارمونيم تي ٻه گل رکي، اکيون بند ڪري، سندس وڄايل سرن ۾ گم ٿي ويندو آهيان ۽ مان جڏهن جاڳندو آهيان: ان وقت استاد نياز حسين خان جنت جي جهروڪن (Casements) ۾ ويهي سهڻي لطيف جي سر ڪلياڻ جي وائي:

"سيڪا پريان کي پوڇي، نيهن نيٽين ڳڻ ڳالهه وو" ڳڏي، مظهر حسنين ۽ ذوالفقار عليءَ کي داد ڏيڻ لڳندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زيتونن جي خوشبو

# ڪيهر شوڪت

**ڪيهر** شوڪت ڳوٺاڻي ماحول ۾ پيدا ٿيڻ ڪري، سنڌ جي بنيادي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ اهڙن مسئلن جي حل تلاش ڪرڻ جو هڪ ماهر ۽ انقلابي ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامہ نگار هو. هو لاڙڪاڻي جي بهن، ڪوٺين، زيتونن ۽ سدا گلاب سڳداسي چانورن جي ياڳوند پونءِ جو رهواسي هيو. ان ڪري هن جو بہ لکيو، اهو "فن جو زندگيءَ لاءِ هجڻ" ڪان وڌيڪ "فن جو معاشي، فني، سماجي، انقلاب يا تبديلين لاءِ هجڻ" بابت جاڪوڙ جو هڪ نادر مثال هو. ڪيهر شوڪت جي اسان وٽ ڇڏيل ادبي اثاثن ۾ سندس ڪهاڻين جو مجموعو، پل تي "وينڊل هڪ نوجوان" ٽي ويءَ تي پيش ٿيل اردو سيريل جا ڊراما "انتها"، "سورج گرهڻ" ۽ "چمبيلي کي بيل" ۽ بيدل مسرور جي محنتن جو ڦل "رڃ" شامل آهن.

شوڪت جو لاڏاڻو هڪ عجيب معمو بڻجي اسانجي سامهون آيو آهي. مان نہ ٻڌو آهي، تہ ڪنهن جي ڳلي يا اک جي آپريشن ٿيڻ سان دل پنهنجو ڪم ڇڏي ڏيندي آهي، ۽ ماٺهو آخري هڏڪيءَ سان موڪلائي ويندو آهي. اهو غير منطقي عمل ائين آهي، جيئن ڪنهن وڻ جو ڏار وڍجي تہ وڻ جون پاڙون ڪنجي وڃن، ۽ وڻ اچي ڦهڪو ڪري.

هڪ انديشو هيءُ بہ آهي تہ ڳلي جي آپريشن ڪانپوءِ چون ٿا تہ ڪجهہ ڏينهن مريض کي سنئون سڌو نہ، پر اونڌي ڪنڌ سمهڻو پوندو آهي، تہ جئين وهندڙ رت ساهہ جي نالين کي نہ بند ڪري ڇڏي، ۽ دل ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏئي. ان لاءِ ڊاڪٽرن جي مشوري سان گهر ياتين ۽ نرسين جي نگراني لازمي هوندي آهي. اهو بہ ٻڌو ويو آهي، تہ آپريشن ڪانپوءِ ڪيهر شوڪت کي بيهوشيءَ جون پنج، ڇهہ سيون بہ هنيون ويون هيون، جنهن لاءِ تي سگهي ٿو تہ ڪا انجيڪشن مدي خارج هجي، يا زهريلي تي وئي هجي، ان لاءِ اسانکي ڊاڪٽرن توڙي ڪيهرشوڪت جي هتي ڪراچيءَ ۾ موجود مائٽن وٽان معلومات هٿ ڪري، موت جو اصل ڪارڻ معلوم ڪرڻو آهي. جنهن لاءِ بهتر ٿيندو، جيڪڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ادبي سنگت، سنڌ فنڪار وئيلفيئر ايسوسيئيشن ۽ سنڌ ڪلچرل ايسوسيئيشن جي سهڪار سان، هڪ جاچ ڪاميٽي جوڙي ، سنگت جي اينڊڙ گڏجاڻيءَ ۾ اهڙي رپورٽ پيش ڪرائي وڃي.

منهنجي ڇاڻ ۽ مشاهدي موجب، ڪراچي ٽيليويزن تان اڃان تائين ڪيهر شوڪت ۽ سندس فن جي وڊيو اسڪرپٽس جي انقلابي مورچي بنديءَ تي ڪو به پروگرام پيش نہ ڪيو ويو آهي، هوڏانهن اهڙن هاڃن جو الائي تہ ڇو سنڌ سرڪار بہ ازالو نٿي ڪري!

ڪيهر شوڪت سان منهنجي آخري ملاقات سندس آپريشن کان ٿني ڏينهن اڳ معمار ڪمپليڪس مارڪيٽ ۾ ٿي هئي، جڏهن مان هڪ مستريءَ وٽ ويٺو هوس، مون شوڪت، شوڪت پڪاري، کيس ويهاريو هو. کيس ٻڌايم، تہ تازو سکر کان لاڙڪاڻي ويندي، سندس ڳوٺ کان لانگهائو ٿيندي، اسان ڪيهر ڳوٺ جو بورڊ پڙهي کيس ياد ڪيو هو، جنهن تي شوڪت يارڙو ڏاڍو سرهو پيئي ٿيو. شوڪت هڪ ٻن ڏينهن ۾ پنهنجي آپريشن ٿيڻ جو بہ ٻڌايو. هن ٻڌايو تہ ڪئنسر کان بچڻ لاءِ ڊاڪٽرن جلديءَ ۾ جلدي آپريشن ڪرائڻ لاءِ مشورو ڏنو آهي. مون جواب ۾ کيس ياڪر پائي، چيو هو: ڏٺي پلي ڪندو، ڪامياب آپريشن کان پوءِ تون وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي اسان سان ملندين ۽ ڪچهريون ڪندين.

## پيٽا

تنهائيءَ ۾ هڪ، هڪ ڇڏيندو وڃي ٿو.
پنهنجي راهہ هرڪو مٽيندو وڃي ٿو.
هزارن ۾ اهڙو بہ ڪو دوست آهي،
اکيون بند، پوءِ بہ سڏيندو وڃي ٿو.

سڀڄو ڏينهن منهنجو سڏڻ ۾ ويو گذري
ويا جي، تني جي اچڻ ۾ ويو گذري
جڏهن منهنجي تخليق جو وقت آيو
اهو وقت ڳوڙهن اگهڻ ۾ ويو گذري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي آتم ڪٿا جو رتائون منظر

# زخمي چانڊيو

**منهنجو** جڏهن به لاڙڪاڻي شڪارپور ۽ جيڪب آباد وڃڻ ٿيندو آهي ته ڪچهري ڪندي مان جڏهن ننڍڙائپ جا ڏينهن ۽ گهميل ماڳ مڪان ياد ڪرڻ لڳندو آهيان ته درياهه پار جا اديب دوست، خاص ڪري لاڙڪاڻي ۽ پرپاسي جا رهواسي چوڻ لڳندا آهن ته تاجل، اسان هتي ڄاوا نپنا آهيون، پوءِ به هتان جون وستيون ۽ وٿاڻ ايترا نه ڏسي سگهيا آهيون، جيترا درياهه جي هُن پار جو ٿي ڪري، مون ڏٺا آهن.

ڪو وقت هو، جڏهن درياهه اُڪري، پراڻي آباد، باقراڻي، علي آباد، منو جتوئي، سونو جتوئي، نئون آباد، جلاب جتوئي ۽ مهرن ڪان ٿيندا، اسان لاڙڪاڻي پڄندا هئاسون. وري لاڙڪاڻي کان جڏهن چانڊڪا جي ماڳن مڪانن ڏانهن اسهندا هئاسون ته ماڇين جي ڳوٺ وليدن، مهي مڪول، ٻچل چانڊيئي جو ڳوٺ، لشڪري، ڏيلار، رئيس پنيو خان چانڊيو، ڳوٺ رئيس قادر ڏني خان کان ٿيندا، وڃي نبي شاهه وڳڻ، واريا سو، چٽيءَ جي ڊپ، جڪراٽين ۽ شاهپور ميرو خان نڪرندا هئاسون، ڪڏهن ڪڏهن ناري وڏي ۽ اُڏين سردارن جي محمد پور وڃي راتين جون راتيون ترسندا هئاسون. شهدادڪوٽ پرسان واقع رئيس اعتبار خان چانڊيئي جي ڳوٺ ۾ اٿين لڳندو هو. جڻ اسان: مان ۽ سيد حيات شاهه هن ئي ڳوٺ ۾ ڄاوا ۽ وڏا ٿيا هئاسون، ڇاڪاڻ ته هتان جا رئيس توڙي ڪامي ۽ ڪمدار اسان کي جيءَ ۾ جايون ڏيندا هئا، جو سلسلو اڄا به جاري آهي. هتان ٿيندا، ٿيندا ڇا، هفتن جا هفتا ترسي، شهدادڪوٽ کان ريل گاڏي پڪڙي، اچي ٻهرام هينئين جي اسٽيشن تي لهندا هئاسون، جتان شهر کان ٻاهر واهه تائين ٽانگي ذريعي پهچي، اتان ڪچي پل اُڪري، مان ۽ سائين حيات شاهه ٿيلها ڪلهن ۾ لٽڪائي سائين حيات شاهه جي ناناڻن وٽ ناري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيڇٽي: چري، ليلان، پـاچارا نـہ ڪـر

مٽيءَ جي چري (ڪڏ) ۾ جهنگ جو چارو. پاچارو ڪرڻ معنيٰ ڏانهون، ڪوڪون ڪرڻ.

رئيس باڪي خان ڪلندي چيو هو تہ سمڙا!، هنئين تـہ هٿ جي تـي، پر جي ڪنهن پائي ۾ ٿوري بہ ڪمزوري هجي ها، تہ ڳچيءَ کان پڪڙيانءِ ها.

مٿي ذڪر ڪيـل پس منظر سان منهنجو مطلب آهي تہ منهنجي هن وقت سوڌو چانڊيا برادريءَ سان وڏ ۾ وڌ ٻانهن ٻڌڻ جي واٽ رهي آهي. جن ۾ زورآور مڙسن سان گڏ، ڪي مثالي ڪردارن جا مالڪ بہ رهيا آهن. اڄ بہ سڪر کان لاڙڪاڻي ويندي نئين ديري ٻاءِ پاس وٽ پيارو غفار تبسم ۽ پيڻ مهتاب ياد اچڻ لڳندا آهن. علي گلي سانگيءَ جي ڳوٺ ڪانپوءِ ڪيهر ڳوٺ جو بورڊ پڙهڻ سان، علي گل سانگي ۽ ڪيهر شوڪت ياد ايندا آهن. ائين لاڙڪاڻي پهچي، سرڪش ۽ زخمي چانڊئي جي اڪنڊ ۽ اڪير وڌڻ لڳندي آهي. اهڙيءَ طـرح قمبـر ۽ شـهدادڪوٽ جـو تصور، سـرمد چانـڊئي، عبدالحـق چانـڊئي، شوڪت چانڊئي ۽ غلام قادر چانڊئي ڪي آٽي اڳيان بيهاريندو آهي. هٿي سنڌ واسي انهن ماڳن ۽ مڪانن جا رهواسي آهـن، جتـي نـنـڍپڻ ۾ مـون عورتـن ڪي جهنگ مان ڪاٺيون ڪندي ۽ چيٽا ميڙيندي بہ ڏٺو، تـہ مـال چاريندي بـہ. ٻئي طرف ساڳيءَ پونءِ تـي مـون بنا ڏوهہ جـي رتـاوان لاش بہ ڏٺـا، جا ڳالهہ هـن مضمون جي عنوان مان بہ ظاهر آهي.

پيارن جهڙو پيارو شاعر زخمي چانڊيو اسان کان وڇڙي هڪ اهڙي سفر تي روانو ٿي ويو آهي، جنهن سفر تان ڪوبہ واپس نہ وريو آهي. بيشڪ سندس گلابن جهڙي مقدس رت کي لاڙڪاڻي جي مٽيءَ سنڀالي رکيو آهي. اسان بـار بار ڪنهن نہ ڪنهن بهاني لاڙڪاڻي جي شاعر دوستن سان ملندا آهيون. هـاڻي بہ ملندا رهنداسون، جن ۾ ڪڇ جي راجا راءِ ڪنگهار جي فوج جو سالار زخمي چانڊيو نہ هوندو. نـل ۾ اصغـر سجاڳ، ساجد سومري، گوهر سنڌي ۽ وفـا ٻرڙي جي ادبي ڄاڪوڙ سان ڪوٺايل آل سنڌ مشاعرو هجي، يا سچل سرمست جي عرس واري موقعي تي خيرپور جي سچل آڊيٽوريم ۾ اچي گڏ ٿيون، هنن ميڙاڪن ۾ اوچي ڳاٽ زخمي چانڊيو ضرور ڏسبو ۽ پسبو هو.

مـان جڏهن بـہ سرڪش سنڌيءَ سـان گڏ زخمـي چانـڊئي کـي نـہ ڏسـندو هيس تہ سرڪش جو اڌورو وجود ۽ اڌوري ملاقات سمجهندو هيس. اهڙيءَ طرح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زخمي چانڊئي سان ملڻ وقت، جڏهن سرڪش ڏسڻ ۾ نہ ايندو هو، تہ ڏهن زخميءَ جو بہ وجود نامڪمل ۽ ملاقات اڌوري سمجهندو هيس. هي ٻئي اسان جا شاعر اهڙو تہ اعليٰ آدرشي سبنڌ وسيلي هڪ ٻئي ۾ سمائجي ”وجودِ واحد“ ٿي ويا هئا، جو ٻنهي جو هر محفل ۾ گڏ هئڻ لازم ملزوم محسوس ٿيڻ لڳندو هو.

هڪ ملاقات ۾ مون زخميءَ کي ٻڌايو تہ مون کي ساجد سومري وٽان خبر پئي آهي تہ سرڪش جو پاءُ ۽ تنهنجي والده گذاري وئي آهي، مان نہ تہ اوهان وٽ ڏک ونڊڻ لاءِ پاڻ اچي سگهيو آهيان، ۽ نہ وري خط ذريعي ڏک جو اظهار ڪري سگهيو آهيان. ان ڪري، اندر ۾ ويٺل انسان ملامت ڪري رهيو آهي. زخمي هن طرح جواب ڏنو هو ”اوهان جي اندر وارو انسان پنهنجو صحيح ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، معنيٰ تہ تاجل ڏوهي آهي.“

تصوف ۾ وحدت الوجود مسلڪ رکندڙ صوفي ”همہ اوست“ يعني هر شيءِ ۾ خدا آهي، جا قائل آهن. يعني انسان جو وجود خدا وارو ”وجود واحد“ آهي. مطلب تہ ٻين شين وانگر انسان ۾ بہ خدا رهي ٿو. ماڻهوءَ جي مري وڃڻ سان خدا ماڻهوءَ مان نڪري وڃي ٿو.

ماڻهوءَ کي قتل ڪرڻ کان بچائڻ جو متيون عمل وڏي ۾ وڏو مسيحائي نسخو آهي. ڇو هڪ قسم جو دڙڪو بہ آهي تہ هڪ وڏي حقيقت بہ آهي، تہ اي انسان! تو ۾ جيڪڏهن جرئت آهي، تہ پوءِ تون پلي ماڻهوءَ کي قتل ڪري خدا جو گهر اجاڙ.

مان دعا ٿو گهران تہ شل سنڌ جي سيني بلوچن، جيئن تہ چانڊين، مگسين، جتوئين ۽ تيغاڻين کي ڏٽي تعاليٰ وحدت الوجود وارو صوفي بڻائي. جيئن سياڻي زخمي چانڊئي جهڙن پريمي ۽ انسان دوست انسانن ٿوڙي اسان جي مائرن ۽ ڀينرن کي قتل ڪرڻ بدران، هر بلوچ، انسانن جي زخمن کي ڇٽائڻ لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت ۽ زلزلن جا جهٽڪا

# وحيد علي

چيو ويندو آهي تہ موسيقي روح جي غذا آهي. اهائي موسيقي آهي، جا روح کي فرحت ۽ تازگي بخشيندي رهيتي. هڪ انسان جي دل ۾ ٻئي انسان لاءِ محبتُ تي پيدا ڪري. اهو بہ زمانو تي گذريو آهي، جڏهن يونان جي حڪيمن ۽ ويڄن کي موسيقيءَ جي سند (Certificate) حاصل ڪرڻ لاءِ حڪمت جي پيپرن سان گڏ، موسيقيءَ وارو پرچو بہ پاس ڪرڻو پوندو هو. ڇاڪاڻ تہ هڪ تہ موسيقيءَ جي مهارت ڪري، حڪيم جي دل ۾ بيمار لاءِ درد ۽ همدردي پيدا ٿيندي هئي، ٻيو تہ موسيقيءَ کي عبادت جو درجو بہ حاصل هو، جئين هاڻي بہ موسيقي هندوڌرم ۾ عبادت ۾ شامل آهي. اهو ئي سبب آهي، جو هندو ڪرشن، راڌا، رام، سيتا ۽ لڇمڻ جي شان ۾ ڀڄن ۽ اشلوڪ ڳائيندا آهن.

سدابهار راڳي محمد يوسف جي جدائيءَ جا گهاوَ اڃان ڀريائي نہ ها، جو اوچتو وحيد علي اسان کان جدا ٿي، هڪ اهڙي ملڪ روانو ٿيو، جتان اڄ تائين ڪوبہ واپس نہ موٽيو آهي. ان کان اڳ ماسٽر محمد ابراهيم، استاد منظور علي خان، مصري فقير، حسين بخش خادم، فوتو زرداري ۽ استاد محمد جمن موڪلائي ڪري ويا جن جو خال ڪئيسٽ ڪلچر جي گهٽي ڀاڳي فحش شاعري ۽ راڳداريءَ جي غلبي سببان شايد صدين تائين ڀرجي نہ سگهي.

تازو مان نل ۾ ڪوٺايل ”ڪل سنڌ مشاعري“ ۽ جيڪب آباد ۾ عبدالڪريم گدائيءَ جي ياد ۾ رٿيل مشاعري ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ بليو لائين بس ذريعي وڃڻ لاءِ خيرپور ميرس روانو ٿيس تہ رستي ۾ ڊرائيور سنڌي ڪئسٽ وڄائڻ شروع ڪيو - ٿلهہ ۽ ڀهرئين مصري ۾ معشوق کان چمين وٺڻ جو ذڪر هو، ۽ ٻئي مصري ۾ محبوب جي گلابي بدن تي هٿ ڦيرائڻ واري عاشقاڻي ڪارروائي ڏنل هئي - بس ۾ ويٺل عورتن شرم کان پنهنجا چهرا لڪائي، مٿي تي اوڍيل رون ۽ اجرڪن ۾ ويڙهجي سيڙهجي ويون. ۽ پوءِ ڊرائيور کي اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئسٽ بند ڪرڻو پيو. ٿورڙي وقفي سان وري پيو ڪئسٽ شروع ٿيو، جنهن جي شروعات مرد ۽ عورت (عاشق ۽ معشوق) جي سوالن جوابن سان هن طرح هئي:

مرد: توکي منهنجي پاڪ رهڻ ئي رهڻو آهي.

عورت: ايڏو مون وٽ منهنجا پيارا وقت ئي ناهي.

وحيد علي استاد منظور علي خان جو پاٽيجو ۽ رجب عليءَ جو پاءُ هو. هن خاندان سنڌ جي ثقافت، زبان ۽ راڳداريءَ کي ايڏو ته اکين سان لاتو، هيئين سان هنڍايو، جو سنڌ ساڻيهه ۾ سمائجي ويا.

هن وقت سنڌ ۾ ڪلاسيڪي ۽ نيم ڪلاسيڪي راڳ جي گراف تي نظر وجهبي ته سنڌ جي راڳ ديوي گهٽي پاڳي پسي، پسي تي لڳي. رجب علي ۽ عابده پروين سال ٿيا، جو پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي، رجب علي وڃي تخت لاهور وسايو آهي ته عابده دارالحڪومت اسلام آباد - هاڻي ته ڪئسٽ ڪلچر ڦهلجڻ لاءِ ميدان ئي خالي پيو آهي.

وحيد علي راڳ جو ته راڻو هيو ئي هيو، پر ماڻهو بہ سوَ - ڳڻو ۽ پريمي هو. چار مهينا اڳ مان فقير محمد لاشاريءَ جي پاٽيجي نثار لاشاريءَ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ بلو لائين بس ذريعي گاجي کهاوڙ تي ويس - جڏهن سن جي ويجهو پهتاسون ته بس اوچتو بيهي رهي ۽ "Cease" ٿي ويئي. اسان ان پڌ - تر ۾ هياسون جو اسانکي هڪ ڪار ڪراس ڪندي بيهي رهي.

ڏٺم ته وحيد علي ڪار مان لهيّ مون ڏانهن وڌيو. جنهن کي بس جي خراب ٿيڻ جو ٻڌايم ته هن ڪار جيٰ پٺيَ ۾ پٺي سيٽ تي مونکي وهاريو. وحيد علي بہ ساڳي ئي شاديءَ ۾ ڳائڻ لاءِ وڃي رهيو هو. جتي وحيد عليءَ ۽ صادق فقير چاچين ۽ اسان ساڏين کي سڄي رات جهومائي ڇڏيو.

وحيد عليءَ جي ٽيجهي جي مانيءَ جو وقت غلطيءَ وچان مون اخبار ۾ شام جا چار وڳا پڙهيو هيو، جو حقيقت ۾ منجهند جو هڪ وڳي هو. مان جڏهن شام جو حيدرآباد رجب عليءَ وارن جي تڏي تي ڇئين وڳي پهتس، ته وچايل دَرين تي استاد فتح علي، رجب علي ۽ بہ چار پيا سندن مائٽ موجود هئا.

وحيد علي پلئن ۽ مينين سان ٻڌندڙن کي جهومائي ڇڏيندو هو. هو ڪلاسيڪي توڙي نيم ڪلاسيڪي راڳ جو هڪ وڏو نالو هو. سندس آواز ۾ جا مڌرتا هئي، سا ڪنهن خوشنصيب انسان کي نصيب ٿيندي آهي. هونءَ بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڳ - ديوي جنهن قوم تي راضي ٿيندي آهي، ان قوم وٽ اُستاد منظور علي خان، گلزار علي، استاد جمن ۽ وحيد عليءَ جهڙا امر فنڪار پيدا ٿيندا آهن.

هلال پاڪستان ۾ ياسر قاضيءَ جي وحيد عليءَ جي لاڏاڻي تي ڇپيل مضمون ۾ ليکڪ ڇاڻايو آهي، ته وحيد علي فقط هڪ گردي جي رحم ڪرم تي زندگي گذاري رهيو هو، ۽ سرڪار ماضيءَ جيان ٻين فنڪارن وانگر اسانجي هن فنڪار جي به سارَ سنڀالَ نه لڌي - ڪيڏو سنو ٿئي ها، جيڪڏهن وحيد عليءَ جو ٻاهرين دنيا جي ڪنهن سٺي اسپتال مان علاج ڪرايو وڃي ها. ڏٺي ٻونئيرن جي فن ۾ ايڏي سگهه پيدا ڪري، جو ڪو ٻوٽو وڏي وڻ ٿئي، جٿئين اسان سنڌ ۽ هند وارن سنڌين ڪي استاد منظور علي خان ۽ وحيد عليءَ جون آسيسون اچڻ لڳن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلا جي آسمان جو چمڪندڙ ستارو

# سرمد سنڌي

ڪلا يا آرٽ جي دائري ۾ سنگيت، نرتيه، مصوري، سنگتراشي ۽ ادب اچي وڃن ٿا. موسيقيءَ ۽ نرتيه (رقص) جو دقيانوسي مسلمانن وٽ ڪهڙو درجو مقرر ڪيو ويو هو، ان جي هر ڪنهن کي ڄاڻ آهي، پر دنيا جي ڪيترن ئي وڏن يا علمگير مذهبن جيئن ته هندو مذهب ۾ سر آواز ۽ نرتيه کي پاڪ پوڄا جو درجو حاصل آهي. ان ڪري ئي سر ۽ سنگيت کي روح (آتما) جي خوراڪ ڪري سڏيو ويو آهي. قديم سنڌ توڙي هند ۾ راڳ جي مڌر سرن ۾ آلاپن تي بيمارن جو علاج ڪيو ويندو هو. اسان هندو سپيتا ۾ نارد جي هٿن ۾ دنبورو سرسوتي جي هٿن ۾ وينا ۽ ڪرشن جي مک تي مرلي ڏسون ٿا. قدرت هن ڪائنات جي ذري پرزي ۾ سنگيت واري لئي (ردم) رکي آهي. هوا ۾ سوساٽ، نديءَ ۾ رواني، وڻن جي پن ڇڻ ۾ موسيقي، جهرڻن ۾ جهٽڪار آهي. گهوڙي جا ٽاپ ٽاپ، طبلي جي وڄت سان ملي ٿي ۽ هنج جي چال نويلي ناريءَ سان مشابهت رکي ٿي. مور جو ناچ ۽ سندس سونهن جڳ مشهور آهن. ڪيترن پکين جي ٻوليءَ ۽ گيتن ۾ موسيقي جا رڪن ۽ ماترائون آهن.

سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته سنڌ جا ڳائڻا راڳ ملهار جيڏي، سنڌ جي نوٽ ۽ پنجهر زمين تي بارش وسائيندا هئا. جهونا ڳڙهه جي راجا راءِ ڏياچ تندن جي مڌر سرن تي تڏهن ته سر ڏيڻ لاءِ ٻيجل اڳيان ڪنڌ جهڪايو هو.

اسان وٽ سنڌ ۾ درگاهن ۽ صوفي فقيرن جي اوتارن ۾ ڪرتال ۽ يڪتاري تي ڳائجندڙ صوفي ڪلام ۽ دنبوري تي شاهه جو وايون ۽ بيت صدين کان ڪلاسيڪي درجي واري امرتا ماڻي چڪا آهن. موجوده وقت ۾ موسيقي ڀلي ته ڊسڪو، پوپ ميوزڪ ۽ ڪئسيٽ ڪلچر جي انگي حدن ۽ سرحدن تي وڃي پهتي آهي پر صوفياڻو رنگ هر صديءَ ۾ نت نوان روپ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرمد سنڌي (رحمان مغل) سچ پچ سنڌي قوم جو هڪ بي بها سرمايو هو. قومي سطح تي مان ڪيس "راڳ جو راڻو" ٿو چوان، جيئن عابده پروين کي "راڳ جي راڻي" چيو ويندو آهي.

جڏهن ڌاريا ڌاڙيل ۽ وردين وارا سنڌين جي جوان نسل کي هاسٽلن ۽ يونيورسٽين جي مقدس درسگاهن ۾ گهلڻ لڳندا هئا. تڏهن سرمد سنڌي سر ۽ سنگيت جو هٿيار هلائي، دريا خان، هوش محمد، هيمون ڪالاڻي، روپلي ڪولهي، مسڪين جهان خان ڪوسي، مخدوم بلاول، شاه عنايت شهيد ۽ شهيد پٽي جي شجاعت ۽ سنڌ پرستيءَ کي زنده رکندي ڏٺو ويندو هو. سرمد سنڌيءَ منهنجو گيت ڳائي گيت کي قومي رنگ ۾ چڙهڻ ته رنگي ڇڏيو آهي.

سمجهي پيرُ وڏاءِ او يارَ!

سمجهي پير وڏاءِ

هن ڌرتيءَ جي دودن سان تون،

ڳورو ڪين ڳالهاءِ او يار!

سمجهي پير وڏاءِ!

هي گيت مون ضيا شاهيءَ جي ڏينهن ۾ لکيو هو، تڏهن ماڻهونءَ جي پنکڙن جهڙي نرم جسم تي ڦٽڪا وسايا ويندا هئا ۽ آمريت پنهنجا هٿ شهيدن جي رت ۾ رنگيندي هئي.

سرمد سنڌي سنڌ وارن لاءِ وڪٽر هارا هو. وڪٽر هارا چليءَ جو ڳائڻو هو، جو گهٽين ۽ بازارين ۾ ميڙاڪا مچائي قومي گيت ڳائيندو هو ۽ ائين ساڳي ٻولي ڳالهائيندي چليءَ جي رهواسين ۾ ايڪتا ۽ قومي سجاڳيءَ جو جذبو اجاگر ڪندو هو، جنهن کي ياڙيتو فوجين گوليءَ جو نشانو بڻايو هو.

قومي خدمتن جي بنياد تي سرمد سنڌيءَ جون اسان هيٺيون خوبيون بيان ڪري سگهون ٿا:

1. ڌرتيءَ تي ٿيندڙ ڏاڍ ۽ ظلم خلاف پنهنجي انقلابي آواز وسيلي سرمد جنگ جوئي، "سنڌ سالار" جي عهدي تي پهتو هو.

2. سرمد سنڌ جي قومي گيتن ۾ پريل سچ ۽ سونهن ڪري "امرتا" جو درجو ماڻي ٿو.

3. سرمد سنڌي، سنڌيت ۽ سنڌي قوم جا گيت ڳائي سنڌين جي دلين ۾ هميشه لاءِ زنده ٿي ويو آهي، ڇو ته هو هتان جي رهواسين جي دلين ۾ پاڻ ئي قومي يادگار قائم ڪري ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

4. سرمد ڪلمڪ، ملنسار ۽ سادو سودو سنڌي هو جا سنڌين جي واڪاڻ جوڳي خوبي اهي.

5. ڪنهن قومي ڏڻ تي سرمد جي غير موجودگي محفل کي بنهه ٻسو ٻڻائي ڇڏيندي هئي.

6. مان سرمد کي جڏهن به غور سان ٻڌندو هوس ته هر دفعي ائين لڳندو هو ڄڻ موهن جي دڙي مان ڪو جوڳي نڪري، مرلي وڄائي ويدن جي زماني واري سنڌ جا خاڪا پيو جوڙي.

7. سرمد سنڌي پنهنجي جنم يومي سنڌ ۾ قومي ايڪتا ۽ سجاڳيءَ جا سنيها جهر جهنگ ۾ پهچائي سنڌ ماتا جي گود ۾ وڃي آرامي ٿيو. سنڌ ماتا جي دلير، بي ڊپي ۽ انقلابي ڳائڻي کي سؤوار سلام! شال وري اهڙي سنڌ ماتا جيءَ گود ۾ جنم وٺي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

